
منتخبات لطیف
انتخاب
محمد یوسف

# منتخبات لطيف

انتخاب

محمد يوسف

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

CamScanner

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: منتخبات لطيف
پهريون ڇاپو: 2010ع
ٻيون ڇاپو: 2012ع
سهيڙيندڙ: محمد يوسف
ڪمپوزر: احسان علي لغاري
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
ڇاپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، فون: 021_32737290
ڇپائيندڙ: پروفيسر محمد يوسف شيخ
پرنسپل ڪيڊٽ ڪاليج، لاڙڪاڻو

ملهه: 150/_ روپيا

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| پبلشر پاران | 5 | سر کوهياري | 66 |
| سر ڪلياڻ | 7 | سر حسيني | 68 |
| سر يمن | 17 | سُر راڻو | 76 |
| سر ڪنڀات | 23 | سُر ليلان | 81 |
| سر بروو | 25 | سُر ڪاموڏ | 84 |
| سر ساموندي | 30 | سُر سورٺ | 87 |
| سر سري راڳ | 34 | سُر رپ | 89 |
| سر گهاتو | 38 | سُر پورب | 92 |
| سُر ڪاهوڙي | 39 | سُر رامڪلي | 93 |
| سر ڪاپائتي | 41 | سُر آسا | 96 |
| سر بلاول | 43 | سُر مارئي | 105 |
| سر پرڀاتي | 45 | سُر سُهڻي | 113 |
| سر ڪارايل | 47 | سُر سارنگ | 124 |
| سر ڏهر | 49 | سُر ڪيڏارو | 128 |
| سُر آبري | 52 | سُر ڏناسري | 133 |
| سُر معذور | 59 | سُر شينهن ڪيڏارو | 134 |
| سر ديسي | 62 | | |

جي تون بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
وڃيو لنئون لائين، پريان سندي پار ڏي.
(شاهه/سهڻي-916)

# پنهنجي پاران

عام طرح چيو ويندو آهي تہ ”لطيف سنڌ آهي، سنڌ لطيف آهي“ يا سنڌ لطيف جي آهي. مطلب تہ شاهہ لطيف کي سنڌ جي شناخت سمجهيو ويندو آهي. آهي بہ ائين!

ليڪن ڇا لطيف کي محض سنڌ جي شناخت سڏڻ ئي ڪافي آهي؟ ڏسڻو اهو ئي تہ ڪيس سنڌ جي ”سڃاڻپ“ يا ”شناخت“ سڏيو ڇو پيو وڃي؟ ساڻس ننڍو توڙي وڏو عورت توڙي مرد، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل پنهنجي نسبت جو اظهار ڪرڻ ۾ خوشي ڇو ٿو محسوس ڪري؟ انهن سوالن جو سادن لفظن ۾ جواب اهو ئي هوندو تہ لطيف جي ڪلام ۽ ان ڪلام جي ذريعي پيغام ۾ آفاقيت آهي جنهن ۾ انهن انساني جذبن، احساسن ۽ امنگن جو اظهار آهي، جيڪي زمان ۽ مڪان توڙي معاشرتي، تهذيبي ۽ تمدني تفاوتن سان تبديل نٿا ٿين.

لطيف نڪي ملان آهي نہ ملحد، هو ڪو راڳي يا سنياسي بہ نہ آهي. لطيف جي فڪر جو مکيہ سر چشمو قرآن آهي ۽ قرآن جي روح کي پروڙڻ واري روميءَ جي ريت ئي لطيف جو سونهون آهي.

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو شايد ملڪ جو واحد تعليمي ادارو آهي جتي ورهين کان حفظِ لطيف جي روايت رائج آهي: جتي روزانہ صبح جي اسيمبلي ۾ قرآن جي تلاوت، ۽ حديث جي روايت، سان گڏوگڏ شاهہ لطيف جي ڪنهن بہ بيت جو ورجاءُ بلا ناغہ ٿيندو آهي. هن ئي اداري جي سينيئر شاگردن مان هر هڪ وٽ لطيف جو رسالو موجود آهي.

”**منتخبات لطيف**“ جي ضرورت انڪري محسوس ڪئي وئي تہ رسالي جي طوالت، ٻولي ۽ تاريخي حوالن سان تفهيم هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي لهٰذا، مون پنهنجي ناقص سمجهہ آهر سڄي رسالي ۾ سمورن

سرن جي نمائندگي ڪندڙ ۽ جلد سمجھ ۾ ايندڙ بيتن جي چونڊ ڪئي آهي ته جيئن عام قاري ۽ خاص ڪري ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻي جو شاگرد شاھ لطيف جي فڪر کان نئين پيڙھ ۾ ٿي نه رڳو آگاهي حاصل ڪري بلڪ ان کي مستقل طور ورد زبان بڻائي ۽ حالتن پٽاندر حوالي طور ڪم پڻ آڻي.

انتخاب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي سهيڙيل رسالي مان ڪيو ويو آهي جو ته منهنجي نزديڪ اهو نسخو ئي مستند ترين آهي. ڊاڪٽر صاحب لاءِ منهنجي عقيدت ۽ احترام لفظن جا محتاج نه آهن.

سنڌ ثقافت کاتي جو شڪر گذار آهيان جن اسان کي (سنڌ مرئي تجويز تي) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ترتيب ڏنل ”شاھ جو رسالو“ مهيا ڪري ڏنو.

11 فيبروري 2010 — محمد يوسف

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو — پرنسپل

# سر ڪليان

اوَلِ اَللهُ عَلِيمُ، اَعليٰ عالَمَ جو ڌَڻِي
قادرُ پَنهِنجِيءَ قُدرَتَ سِين قائِمُ آهِ قَدِيمُ
والِي واحِدُ وَحدَهُ رازِقُ رَبُ رَحِيمُ
سو ساراهِ سچو ڌَڻِي، چَئِي حَمدَ حَڪِيمُ
ڪَري پاڻُ ڪَرِيمُ، جوڙُئُون جوڙَ جَهانَ جِي.

◈

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، هِي هيڪَڙائِيءَ حَقُ
ٻِيائِيءَ کي ٻَڪُ، جَنِ وِڌو سي وِرِسِيا.

◈

وَحدَهُ لاشَرِيڪَ لَهُ، جان تو چَئِين اِيئَن
مَجُ مُحَمدُ ڪارَڻِي، نِرتَئُون مَنجهان نِينهَن
تان تُون وڃئو ڪِيئَن، نائِين سِرُ ٻِئَن کي.

◈

وَحدَهٗ لاشريڪ لهٗ، جَنِ اُتو سِين ايمانُ
تَنِ مَڃيو مُحمدُ ڪارڻي، قلبَ ساڻُ لِسانُ
اُوءِ فائق ۾ فرمانُ، اَوَتَرِ ڪنهِ نہ اولئا.

◈

وَحدَهٗ جي وَڍِئا، 'الاالله' اَڌَ ڪِئا
"مُحمدُ رَسُولُ اللهِ" چَئِي، مسلمان ثِئا
عاشِق، عبداللطيفُ چئي، اِنهِين پَہِ پِئا
جيلاه ڏٺيءِ ڏُئا، تي وِئا وَحدَتَ گَڏِجي.

◈

تون چَئہُ اَللهُ هيڪڙو، وائِي ٻِي وِسارِ
تَنَ ۾ تَندُ تَوارِ، سَدا سُپيرين جِي.

◈

تون چئہُ اَللهُ هيڪڙو، ٻي وائِي وِساري ڇَڏِ
تَنُ هِنيين سِين گَڏِ، سَچَڻُ ساهَ پَساهَ ۾.

◈

پاڻهين پَسي پاڻَ کي، پاڻهِين ئي مَحبُوبُ
پاڻهين خَلقي خُوبُ، پاڻهِين طالِبُ تَنهِ جو.

◈

’احدُ‘ ’احمدُ‘ پاڻ ۾، وِچان ’مِيم‘ فَرَقُ
تِنَا مُستَغرَقُ، عالِمَ اِنهِين ڳالهِ ۾.

◈

’هُو‘ پُڻ آهي ’هِنَ‘ سِين، ’هِيءَ‘ نہ ’هُنئَان‘ ڌارَ
الانسانُ سِرِي وَاَنَا سِرِهُ، پَرُوڙِج پَچارَ
ڪَندا وِئا ٿوارَ، عالِمَ عارِفَ اِهڙِي.

◈

سو ’هِيءُ‘ سو ’هُو‘ سو ”اَجَلُ“ سو ’الله‘
سو ’پِرِينُ‘ سو ’پَساهُ‘، سو ’وِيرِي‘ سو ’واهِرُو‘.

◈

ڪوڙيين ڪايائُون تُنهنجيُون، لَکَڻَ لَکَ هَزارَ
جِيءُ سَيَڪَنهِ جِيءَ سِين، دَرَسَنُ ڌارو ڌارَ
پِرِيَمِ تُنهنجا پارَ، ڪِهڙا چَئِي ڪِيئَن چُئَان.

◈

پڙاڏو سو ’سَڏُ‘، وَرُ. وائِيءَ جو جي لَهِين
هُئَا اَڳِهِين ڳَڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ بہ تِئَا.

◈

صُوفِي چائين سَڌ ڪَرين، صُوفيءَ ايءَ نہ صَلاحَ
ڪاڻي وِجھ ڪُلاهَ، هَڻُ اُجلي آڳِ ۾.

◈

"صُوفِي لا ڪُوفِي" ڪونہ ڀانئيسِ ڪيرُ
مَنجهائِين مَنجِھ وِڙهي، پَڌَرِ ناهِسِ پيرُ
جَنِي ساڻُسِ ويرُ، تِيي تَنِي جو واهَرُو.

◈

ظاهِرَ ۾ ظانِي، فِڪرَ مَنجِھ فَنا ٿِئا
تَنِي ڪي تَعلِيمَ جِي ڪُڙِهه اَندرِ ڪانِي
حَرَفُ حَقانِي، دُورُ ڪِئائُون دِلِ ۾.

◈

مَرَٽا اڳي جي مُئا، سي مَري ٿِيَنِ نہ ماتُ
هُوندا سي حَياتُ، جِيَٽان اڳِي جي جِيا.

◈

جِيَٽان اڳِي جي جِيا، جُڳَ جُڳَ سي جِيَنِ
موتِي ڪِينَ مَرَنِ، مَرَٽان اڳِي جي مُئا.

◈

طالبُ قصرُ، سُونهَ سرُ، ايءَ رُومِيءَ جي رهاڻَ
پهرين وِجائِڻُ پاڻُ، پَسَڻُ پوءِ پِرينءَ کي.

◈

کَري طَريقت ٽَڪِيو، شَرِيعَت سُجاڻِ
هِنيون حَقِيقَت هيرِ تُون، ماڳُ مَعرفت ڄاڻِ
هُوئِج ثابُوتِيءَ ساڻِ، تہ پُسَڻَ ڪان پالهو رَهِين.

◈

ڪِيئَن مائيندا مَنَ ۾، 'خودي' ۽ خُدا
ٻنِ تَرارِينِ جا، ڪا آهي هِڪَ مِياڻَ ۾!

◈

اِنَ پَرِ نہ اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي-گو ڪوٺائيين
دَغا تنهنجي دِلَ ۾، شِرڪَ ۽ شيطانُ
مُنهَ ۾ مُسلمانُ، اَندرِ آزرُ آهِيين.

◈

ڪُوڙو تون ڪُفرَ سِين ڪافرُ مَ ڪوٺاءِ
هِندو هَڏِ نہ آهِيين، جَٽيو تو نہ جُڳاءِ
تِلڪُ تَنِي کي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سِين.

◈

صُوفِي چائِين سَدَ ڪَرين، صُوفِيءَ ايءَ نه صَلاح
ڪانَي وِجُهه ڪُلاهَه، هَڻُ أچَلي آڳِ ۾.

◈

”صُوفِي لا ڪُوفِي“ ڪونه ڀانئيسِ ڪيرُ
مَنجهائِين مَنجِهه وِڙهي، پَڌِرِ ناهِس پيرُ
جَني ساڻُس ويرُ، تِيي تَنِي جو واهِرُو.

◈

ظَاهِرَ ۾ ظَانِي، فِڪرَ مَنجِهه فَنا ٿِئا
ٿِنِي ڪي تَعلِيمَ جِي ڪُڙِهه اَندَرِ ڪانِي
حَرَفُ حَقانِي، دَورُ ڪِئائُون دِلِ ۾.

◈

مَرَڻا اڳِي جي مُئا، سي مَرِي ٿِيَنِ نه ماتُ
هُوندا سي حَياتُ، جِيَڻان اڳِي جي جِيَا.

◈

جِيَڻان اڳِي جي جِيا، جُڳَ جُڳَ سي جِيَنِ
موتِي ڪِينَ مَرَنِ، مَرَڻان اڳِي جي مُئا.

◈

طالِبُ قَصَرُ، سُونهَ سَرُ، ايءَ رُومِيءَ جِي رِهاڻُ
پِهرِين وِجائِڻُ پاڻُ، پَسَڻُ پوءِ پِرينءَ کي.

◈

ڪَري طَريقَتَ تَڪِيو، شَرِيعَتَ سُجاڻِ
هِنيون حَقِيقَتَ هيرِ ٿُون، ماڳُ مَعرفَتَ ڄاڻِ
هُوئِجِ ثابُوتِيءَ ساڻِ، تہ پُسَڻَ ڪان پالهو رَهِين.

◈

ڪِيئَن مائيندا مَنَ ۾، 'خودي' ۽ خُدا
بِنِ ٽَرارِينِ جا، ڪا آهي هِڪَ مِياڻَ ۾!

◈

اِنَ پَرِ نہ اِيمانُ، جِئَن ڪَلِمي-گو ڪوٺائيِن
دَغا تنهنجي دِلَ ۾، شِرڪَ ۽ شيطانُ
مُنهَ ۾ مُسلِمانُ، اَندَرِ آزَرُ آهِيين.

◈

ڪُوڙو تون ڪُفرَ سِين ڪافرُ مَ ڪوٺاءِ
هِندو هَڏِ نہ آهيين، جَٽيو تو نہ جُڳاءِ
تِلِڪُ تَنِي ڪي لاءِ، سَچا جي شِرڪَ سين.

◈

مُنهُ نہ مُوسيٰ جهڙو، اَندر ۾ اِبليسُ
اهڙو خامُ خُبِيثُ، ڪَڏِي ڪوہ نہ ڇڏِيين

◈

جان جان پَسِين پاڻ کي، تان تان ناه سُجُودُ
وِجائي وُجُودُ، تِهان پوءِ تَڪبِير چُئُه

◈

جان جان پَسِين پاڻ کي، تان تان ناهِ نمازَ
سَبُ وِجائي سازَ، تِهان پوءِ تَڪبِيرَ چُئُه

◈

نابُودِيءَ نيئِي، عَبدَ کي اعليٰ ڪِئو
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿِئا، صُورَتِ پُڻ سيئِي
ڪَبِي اِتِ ڪيهِي، ڳالَهہ پِريان جي ڳُجهَہ جِي

◈

اڄان تو مَنجها، ڪَکَ ڇُتي رَتُ نِڪَري
مُنهَ ۾ معشُوقَنِ جا ڪِيئَن جَهلِيندين گهاءَ
سو تون ڪُڄاڙاءَ، سِڪَڻَ جون سَڌُون ڪرين

◈

مَحبت جي ميدان ۾، رَتَ جو آهي رَنگُ
ڪوڙيين مَنجهان ڪو ٿي، اِيءَ نباهي ننگُ
عِشقُ نانگُ نِسَنگُ، خَبَرَ ڪاڏنِ کي پوي.

◈

مَحبتَ جي ميدان ۾، سِرَ جو ڳرو سانگُ
سُوري سُپيرينِ جي، چڙهُ تہ تيين چانگُ
عَشقُ آهي نانگُ، خَبَرَ ڪاڏنِ کي پوي.

◈

عِشقُ نہ آهي راندِ، تہ ڪِي ڪَنِس ڳَيرُو
جيءُ جُسي ۽ جان جِي، پَجي جو هيڪاندِ
سِسِي نيزي پاندِ، اَجَلِ تہ اَدَهَ ٿِئي.

◈

عاشقَ مَعشوقنِ جو وَٺِي ويهجُ رَندُ
پيارِيندءِ پاڻهين مَيخاني جو مَنڌُ
سِرَ اَنِ جو سَقُرو سُپَڪُ آهي سَنڌُ
مَتان ڪَڍين ڪَنڌُ، اوڏو ٿِي اُنِ کي.

◈

پَتَنگُ چائين پاڻ کي، تہ اَچي آگِ اُجهاءِ
پَچَڻَ گهڻا پَچائِيا، تون پَچَڻَ کي پَچاءِ
واقِفُ ٿِي وِساءِ، اَٽَ نہ ڏجي عامَ کي.

◈

پُڇُ پَتَنگَنِ کي، سَنديُون ڪامَڻَ خَبَرُون
آڻيو وِجهن آگِ ۾، جِيءُ پنهنجا جي
جيري جَنِي جي، لَڳا نيزا نِيهَ جا.

◈

پَتنگَنِ پَهُ ڪِئو، مِڙِئا مَٿي مَچَ
پَسِي لَهَسَ نہ لِڇِئا، سَڙِئا مَٿي سَچَ
سَندا ڪِچِين ڪَچَ، ويچارَنِ وِڃائِيا.

◈

اَصُلَ عاشق پانهنجيون سِسيُون نہ ساندِين
لاهيو سِرَ لَطِيفُ چَئي، ساهَ سَلهاڙِيو ڏِين
ڪُلَهنئُون ڪاتِينِ، پُڄَنِ پوءِ پرِيتَڏو.

◈

سِڪَڻُ ۽ سُورِي، ٻَئِي اَگرِ هيڪڙي
ويهَڻُ وانٽِرِيُنِ تي، ڪارَڻُ ضرُورِي
ٻِنهِينءَ جي پورِي، جِيءَ ڏِني ري نہ جُڙي.

◈

سُوريءَ سَڎُ ٿِئو، ڪا هَلَندِي جيڏِيُون!
وَڃڻُ ٿَنِ پِئو، نالو نِيہ ڳِنهِنِ جي.

◈

سُورِي ٿِي سِينگارُ، اَصُلُ عاشِقَنِ جو
لُڏِئا ڪِينَ لَطيفُ چئي، نيزي ٿِئا نِروارُ
ڪُسَڻُ جو قَرارُ، اَصُلُ عاشِقَنِ سِين.

◈

سُورِيءَ چڙهڻُ، سيجَ پَسَڻُ، اِيءُ ڪَمُ عاشِقَنِ
پاهُون ڪِين پَسَنِ، سائُو هَلَنِ سامُهان.

◈

سِڪَ نہ آهي سُتري، ڪَڻُ پَرُوڙي پيرُ
ڪُسَڻَ ڏاران ڪيرُ، ڪَري سَڎَ سِڪَڻَ جِي!

◈

جان وَڍيين تان ويهُه، اَڻ- وَڍيو تان واٽ ٿِيءُ
هِيءُ ٿَنِي جو ڏيهُه، ڪاتِي جَنِي هَٿَ ۾.

◈

ڪاتِي ڪونهي ڏوهُ گِنُ وِڍيندَڙَ هَٿَ ۾
پَسئو پَرِ عَجيبَ جِي، لِڄئو وَڃي لوهُ
عاشِقَنِ اَندوهُ، سَدا مَعشوقَنِ جو.

◈

تو جَنِي جِي تاتَ، تَنِ پُڻ آهي تُنهنجِي
”فَاذكُرُونِي اَذكُرڪُم“ اِيءُ پَرُوڙِج باتِ
هَٿِ ڪاتِي ڳُڙُ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرينِ جِي.

◈◈◈

# سر يمن

حَبِيبُ تُون، طَبِيبُ تُون، تُون دَردَ جي دَوا:
جانبَ مُنهنجي جيءَ ۾، آزارَ جا اَنوا
صاحِبَ! ڏِئين شِفا، مِيان! مَرِيضَن کي.

◈

حَبِيب تون، طَبِيبُ تُون، تون دارُون کي دَردَنِ
تون ڏِيين، تون لاهِيين، ڏاتَرَ! کي ڏُکَندَنِ
تَڏِ ڦَکِيُون فرقُ کَنِ، جَڏِ اَمُرُ کَرِين اُنِ کي.

◈

سِرَ جُدا، ڌَڙَ ڌارَ، دوڳَ جَنِي جا دِيگِ ۾
سي مَرُکَنِ پَچارَ، هَکيا جَنِ جي هَٿَ ۾.

◈

وڏي جَنِ وَڏِياسِ، وَرِي ويجَ ئِي سي ٿِئا
پِرِتِ ٻَڌائون پَٽِيُون، رُوح ڳَئِائُون راسِ
هِنيَڙا ٿَنِي پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٿِيين.

◈

رِڳُون ٿِيون رَبابُ، وَڄَنِ ويلَ سَيَڳهِين
لُڇَنِ، ڪُڇَنِ نہ ڀِئو جانِبَ ري جوابُ:
سوئِي سَنڌِيڊُم سُپرِين، ڪِيَسِ جَنهِ ڪَبابُ
سوئِي عَينُ عَذابُ، سوئي راحَتَ رُوحَ جِي.

◈

اَنڌا اُونڌا ويجَ! گلَ ڪُڄاڙِئا ڪانئِيِنِ
اسان ڏُکندو ڏِيلَ ۾، تُون پِيارِيين پيجَ
سُورِي جَنِي سيجَ، مَرڻُ تَنِ مُشاهِدو.

◈

ڪُنِيَسِ ڪُويڄنِ، تَنِ طَبِيبَ نہ ڳَڏِئا
ڏيئِي ڏَنبَ ڏَڏَنِ، پاڻان ڏِيلُ ڏُکوئِيو.

◈

طنبُو طبِيبَنِ، آڻي اڳَڻِ ڪوڙِئا
دارُون هِنِ دَردَ کي، ڦُڪِيُون فَرقُ نہ ڪَنِ
وِرِچِئو ويجَ وَڄنِ، سُڌِ نہ پِيينِ سُورَ جِي.

◈

وِيجَ وِڄاءِ مَ ڏَرِيَڙا، ڳَنڊا ڪونہ ڦرڦُ
مُون کِي تِئا مَرَڪَ، مُون پِريان جا ڏُڪَڙا.

◈

اَگها ئِي سَگها تِئا، جي وِيڻا وَٽِ وِيڄَنِ
تہ تَرسِي طَبِيبَنِ، چِيڻي هُوندَ چَڱا ڪِئا.

◈

وِيجَ مَ ٻُڪِي ڏِي، مَرُ چَڱيائِي مَ ٿِيان
سَڄَڻُ مانَ اَچِي، ڪَرَ- لاهُو تِي ڪڍِهِين.

◈

وِيهَڻُ وِيڄَنِ وَٽِ، سِڪِين تہ سَگهو ٿِيِين
اِڳِين عادَتَ مَٽِ، تہ اَگها! عاجُزُ نہ ٿِيِين.

◈

اَگهَنِ مِڙِي اَڄُ، ڪِئو سَڌُ صِحَتَ کي
ڏُورِ ڏُکندا ڀَڄُ، مِهِرَ مُنَهُ ڏيکارِئو.

◈

عُقابِيلَ اکِينِ ۾ بارِي توکِي بانءِ
اُيو اگِرايُون گَرِين، ماڳِ هَٽيو مُستانءِ
جانِبَ ٿُون زِيانَ، اکِينِ سِين ايڏا گَرِين.

◈

عُقابِيل اکِين ۾، تِيرَ تِکا توکي
ساجَنَ اِنِهين سُورَ جِي ڳَلَ نہ آ ڳَنهِ کي
مارِين تو مُون کي، چاڙِهئو لوهَ لَطِيفُ چئي.

◈

عُقابيلَ اکِينِ سِينِ، تِيرُ چَلايو تو
ٻِئو مَرُ ماري سو، جَنهِ جو پَهرو پُورو نہ ٿِئي.

◈

پائي ڪانُ ڪَمانَ ۾، مِيان! مارِ مَ مُون
مُون ۾ آهِين ٿُون، مَتان تُنهِنجو ئِي توکِي لَڳِي.

◈

سرُ ساندانڻ ڪَري، پُڇجُ گهَرُ لُهارَ جو
ڏَکَنِ هيٺِ ڏَري، مانَ ڳَڏيئِي رُڪَ سِين.

◈

سَرها ڏِٺَمِ سي، جَنِ ساجاءِ سِراڻ سِين
تيغ تَنِي جِي کَي، کَٽُ نہ لَڳي کَڏهِين.

◈

جَنِي دَورُ دَردَ جو، سَبَقُ سُورَ پَڙهَنِ
فِڪرَ ڦَرهِي هَٿَ ۾، ماٿِ مُطالعُ ڪَنِ
پَنو سو پَسَنِ، جَنهِ ۾ پَسَڻِ پِرينءَ کي.

◈

پَڙهِيو تا پَڙهِنِ، ڪَڙهنِ ڪِينَ قُلوبَ ۾
پاٽان ڏوهہَ چَڙهَنِ، جِئَن وَرَقَ وارِينِ وِترا.

◈

پَنِي ۾ پيهِي، تان تو الفُ نہ اُجهِئو
ڳالهِ پِريان جي ڳُجهہَ جي، جيهِي نہ تيهِي
خَبَرَ تو ڪيهِي، قاضِي! هِنَ ڪِتابَ جي.

◈

اکَرُ پَڙهہُ 'الفَ' جو، ٻِئا وَرَقَ سَڀ وِسارِ
اندَرِ کي اُجارِ، پَنا پَڙهندين ڪيتَرا.

◈

جي هَرائِين هِنيِن تي، سَندِي 'الف' اوڙ
تہ ڪِتابَنِ جي ڪوڙِ، منجهان تو مَعلوُمُ ٿئي.

◈

ڪوڙين ڪِتابَنِ ۾، حَرفُ مڙوئِي هيڪُ
جي تو نظرُ نيڪُ، تہ بِسمِ اللهِ ئِي بَس ٿِي.

◈

ڪِئو مُطالعُ مُون، هُو جو وَرَقُ وِصالَ جو
تِنهِ ۾ تُون هِي تُون، بِي لاتِ نہ لَحظي جِيتري.

◈

عاشِقَ زَهَرَ پِياڪَ، وِهُ پَسِئو وِهُسَنِ گهڻو
ڪَڙي ۽ قاتُل جا هميشہ هيراڪَ
لَڳِينِ لَٺُونِ لَطِيفُ چَئي، فَنا ڪِئا فِراقَ
توڙي چِڪَنِ چاڪَ، تَپُ آهَ نہ سَلَنِ عامَ کي.

◈◈◈

# سر ڪنڀات

تارا ٽرارِيُون، نيزا نينڻَ پرينِ جا
هَٽَنِ مُنهَ پارِيُون، سانگو ڪَنِ نہ ساھَ جو.

◈

اُونداهِيَ اَڌ راتِ ۾ پرينِ پَسايو پاڻُ
چَندرُ ڪَتين ساڻُ، پيهِي وِئو پَڙلاوَ ۾.

◈

ڪَٽِي نينڻَ خُمارَ مان ڪِئائُون نازَ نَظَرُ
سُورِجَ شاخُون جهُڪِيُون ڪُوماٽو قمَرُ
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِئا ديکِينديِ دِلبرُ
جهَڪو ٿِئو جوهَرُ، جانِبَ جي جمالَ سين.

◈

چَڳيان چَندرَ چَئيج، سَنيها ڪي سَڄَڻين
اَڳَڻَ مٿان اُپرِي، پِريان جي پَئيج
جِهيڻو ڳالهَائيج، پيرين ڍَري هَٿڙا.

◈

سَهسين سِجَنَ اُپري چوراسِيين چندَرنِ
بِاللهِ ري پِرينَ، سَڀ اونداهِي ڀانئِيان.

◈

چَندَر تُنهنجِي ذاتِ، پاڙِيان تان نہ پِرينءَ سين،
تون اُڀو ئِي راتِ، سَڄَڻُ نِت سوجهرا.

◈

چَندَر! تُنهنجي ذاتِ، سَڀ مَڙهايان سونَ سين
آهِن پِرين پَنڌ ئِي، کِڙُ سَڄيائي راتِ
اَچَنِ جهِين ساتِ، لَهِي وَڃُ، لطيفُ چَئي.

◈

چَندَر! چوان تو حَقُ، جي وِڙهِين جي وِچڙين
ہِ اکيون ٿرئو نکُ، تو ئِي ناہ پيشانِي پِرينءَ جي.

◈

گِلِ گانا ياقُوت جا، موتِي مَنجهہِ مَهارَ
چانگا چَندَنُ چارِيَئِين اَنئِي پَهَرَ اَپارَ
سَندِي پيہ پَچارَ، جي مون راتِ رَساڻِيين.

# سُر بروو

ڪَڙو مَنجهہِ ڪَڙي، جيئن لوهارَ لَپيٽئو
تيئن منهنجو جِيءُ جڙي، سُپيريان سوگهو ڪَيو.

جانِبَ اِيئن نہ جُڳاءِ، جيئن مارِئو موٽئو نہ پُڇين
رَتي رَتُ نہ سِنجِري، سِڪَ تُنهنجِي ساءِ
اَسان تو هِي لاءِ، سَهسين سُڪائُون ڪَيُون.

يَلي ڪِيَئي يَلا پرينِ، هِيئن نہ مُناسبُ هوءِ
لائي، چَٽُ چَرئو ڪَري، پانُ ڪَڏي وِئين پوءِ
توٽي حُبَ نہ هوءِ، ٽَپ هوتَ نہ ڪِجَن هيڏِيُون.

ٻَلي ڪِيَئي ٻِلا پِرين، اِيءُ نہ شانُ سَندوءِ
ڀِهرِين لايو پِرِيتڙو، ڪِينَ پُڇِين تو پوءِ
قادِرُ شالَ ڳَندوءِ، ميڙو هِنَ مِسڪِين سِين.

◈

تُون صاحِبزادو سُپرِين، آءٌ نِسورو نوڪَرُ
بيحَدَ ڪَريان بَندگِيون هَٿَ ٻڌي حاضُرُ
چِنان، هَڏِ نہ ڇَڏيان، دوست تُنهنجو دَرُ
مُون تان مِهرِ نَظرُ، پرين لاهِ مَ پاهِنجو.

◈

اَچِين جي هيڪارَ، مون سارِيندي سُپرِين
وَنِيُون وِهاڻا ڪَرِيان، هَنڌُ وِڇايان وارَ
ساجَنَ سَيِّ جمارَ، گولِي تِي گُذارِيان.

◈

ڪانگَلَ نيئِي ڪانگَ، منهنجي ڏي محبوبَ کي:
”لالَڻ لايئِي ڏينهَڙا، ڳنهن سَنَاڻي سانگَ
اوهان رِيءَ اَڻانگِ، ويٺي وِرهُ وَسائِيَان.“

◈

زاغَ ٽُنهِنجيءَ ذات جو ٽورو مٽي مُون
اَڏامِجِ عَبداللطيفُ چَئي صُبح سيڻَن ڏُون
ڪِجِ وينِتيُون وِٽريون ٻاجهائيجِ ٻهُون
تہ: ”لالَڻَ ڪونہ لَهُون، جِهو تو جَهان ۾.“

◈

ڪَڏِي ڪانگا تو ڏِيَان، هِنيُون سانڍُ هَٿَنِ
وڃي ڪاءُ وِلاتَ ۾ اڳيان عَجِيبنِ
پِرينَ مانَ چَوَنِ، تہ هيءُ قُربانِي ڪيرُ ٿِئو.

◈

آندِيمِ ڪانگَ قِريبَ جيون، اَڄُ واڌايُون واهَ
مَنَ مُرادوُن پُنِيُون، ٿِيُون سَرَهايُون ساهَ
آندا پرين الله، سَڏَ منهنجا صابَ پِيا.

◈

نازَ مَنجهارا نِڪِرِي جَڏِ پِرِين ڳَري ٿو پنڌَ
يُون پُڻ 'بِسم للهِ' چَئِي، راهہَ چُمِي ٿِي رَنڌُ
اُپِيُون گهَٽِي اَدَبَ سِين وتي حُوروُن هَنڌُ
مونکي سائينءَ جو سَوڳنڌ، جِئن ساجَنُ سَيئَان سُنهَڻُو.

◈

مُنهنجي مَدائِنِ جِي ڪَلَ پِريان پيئِي
ڪَڏهِن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏيئِي
ساجَنَ سَيئِي، ڏِڪِئمِ ڍولَ ڍِلائِيُون.

◈

عَيبَ نہ اچَڻُ ڏِينِ، مونکي مُون پِرين ڏي
آڏا ٿِئو اکِين کي أيا ئي آهِينِ
اوگُڻَ پاسي ٿِين، تہ ڪاٽِيارِيءَ ڪاڻَ لَهي.

◈

جي تي جيءَ گهُرئا، سيئِي سَجَڻَ آئِيَا
سي سڀ ڦٽ ڇُٽِي وِئا، جي تي ڪالَهه کُرِئا
آٽي اَڻَ- ٽُرئا، دارُون دوست پيارَيا.

◈

دِل جو دلبَرُ هيڪَڙو، گهڻا تان نہ ڪَجَنِ
دِلِ ڏِجي کي هيڪَڙي، توڙي سَوَ سِڪَنِ
أوءِ چِلولا چَئِجَنِ، جي دَرِ دَرِ لائِنِ دوستِي.

◈

ڪي اوڏائِي ڏُورُ، ڪي ڏورُ ئي اوڏا سُپرين
ڪي نہ سَنيَرِجَنِ ڳَڏهِين، ڪي نہ وِسَرَنِ مُورُ
مينهِن ڪُنڊِيءَ جِيئَن پُورُ، تِيئَن دوست
وَراڪو دِلِ سِين.

◈

ماڻهو گهُرَنِ مالُ، آءٌ سَڀَ ڏِينهَ گهُران سُپرِين
دُنيا ٿنهن دوست تان فدا ڪَريان في الحالُ
ڪِيَسِ نامَ نِهالُ، پَسَڻُ تان پري ٿِئو.

◈

جَڏانهَ ڪَرَ تِيامِ، ساجاءِ سُپيرينِ سِين
تَڏانهَ ڪَرَ تِرَ جيتَرو ويلَ نہ وِسِريامِ
اَندَرِ رُوحَ رَهَيامِ، سَجَڻَ اوطاقُون ڪَري.

◈◈◈

# سُر سامونڊي

دَنگِي مَنجِھ دَريا، ڪِين ٻُڏي ڪِين اُپڙي
هُو جي وادِي واڻِئا سي سُونهَنَ سَڀِ سَڙِيا
مُعَلمَ ماڳِ نہ اڳِيين، فِرنگِي منجھِ ڦِريا
مَلاحَ ٺُهنجِي مَڪُرِي اَچِي چورَ چَڙهيا
جِتي ڏِينگَ ڏَريا، تِتي تارِي ٺُهنجِي.

◈

اِيءَ گتِ غواصَن، جِئَن سَمُندرُ سوجهيائُون
پيهِي مَنجِھ پاتارَ جي ماڻِڪَ ميڙِيائُون
آڻي ڏِنائُون، هِيرا لَعلَ هَٿَن سين.

◈

وِٺا جي عَمِيق ڏي، مُنهِ ڪائو ڏيئِي
تَن سپُون سوجهي ڪَڍِيُون پاتاران پيئِي
پَسَندا سيئِي، امُلَ اَڪَرِيُن سين.

◈

اوريان ئِي آڻِينِ، ميڙِئو مُعَلِمَ خبرُوُن
سا تان سُڌِ نہ ڏِينِ، جِتي وَهُه ويڏ ڪَري.

بَندرَ جان يَئِي، سُڪاڻِيا مَ سُمَهو
ڪَپَرُ تو ڪُنَ ڪَري، جِئَن ماتِي مَنجِهه مَهِي
ايڏو سُورُ سَهِي، بِندرَ نہ ڪجِاهُ ناڪُئا!

بيڙِياتا بيئِي، تو نہ قُبنَدِيُون ڳالهڙِيون
سَجِيُون راتِيُون سُمَهِين يَرُ سُڪانَ ڏيئِي
مُندَ وِجايَئِي مالَ جِي وڻجارا ويهِي
سُيان سَيئِي، پارِ پُڄَندِيُون خَبَرُوُن.

سامُوندِرِينِ جي آنءُ سُورَنِ سِجهائِي
جيڏِيون! جُدائِي، سَهان نہ سُپيرِينِ جِي.

آءٌ جَنِ آساري، مَتي تَڙَ ڳُذارِيان
مُونکي وِساري، شالَ مَ وَجنِ اوهَرِي.

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻ جِيُون
اَنئِي پَهَرَ اَٿنِ، سَعيو ڪَنهِن سَفَرَ جو.

◈

اَڄُ پُڻ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَڃڻَ جِيُون
هَلَڻَ- هارا سُپرِين، رُئان تان نہ رَهَنِ
آءٌ جَهلِيندِي ڪيتَرو، آيَلِ سامُوندرِيَنِ
پَڳهَہ ڇِڙِي جَنِ، وِڌا ٻيڙا ٻارِ ۾.

◈

سيئِي جويَنَ ڏِينهَن، سَڄَڻَ سَفرِ هَلِئا
رُئان رَهَنِ نہ سُپرين، آيل! ڪَريان ڪِيئَن
مُونکي چاڙهي چِيئَن، وِئو وَڻجارو اوهَرِي.

◈

سَرَ نِسَرِئا پاندَ، اُتَرَ لَڳا، آءُ پِرِين!
مون تو ڪارَڻِ ڪاندَ! سهسين سُڪائُون ڪَيون.

◈

سَرَ لوهِيڙا ٿِيئا، ڪُسَرَ نِسرِئا
تو ڪِئَن وِسَرِئا، ڍولِيا! ڏِينہَ اَڄَڻَ جا.

◈

جي اَچي تہ جهيڙِيَان، آيَلِ! ڍوليي سان
لائِيُئِي ڏِينهَ گهَڻا، مُون سين کِيَئِي ٿورَڙا.

◈

ماءِ ولاتِي موٽِئا، تڙَ تا ٿوارِين
وايُون وڻجارَنِ جِيُون جِيءَ کي جِيارِين
کِليو کِيکارِين، جَنِ سيڻَ سَلامَتَ آئِيا.

◈◈◈

# سر سري راڳ

جيڪِين مَنجِھ جَهَانَ، سو تارِيءَ ٽَڳِي ٽُنهِنجي
لُطُفَ جِي، لَطِيفُ چَئي، تو وَٽِ ڪَمِي ڪانهِ
عَدُلِ جُتان آن نه، ڪو ڦيرو ڪَجِ فَضُلَ جو.

◈

سارِي رات سُبحَانُ، جاڳِي جَنِي ياد ڪِئو
اُن جِي عبدَاللطِيفُ چَئِي، مِٽِيءَ لَڌو مَانُ
ڪوڙين ڪَنِ سَلامُ، آڳِهِ اَچِئو اُنِ جي.

◈

يَڳِمِ عَهدَ اَللهَ جا، ڪَچُ ڪَمَايُمِ ڪُوڙُ
پِيرو جو پاپَن جو، سو چوٽِيءَ تائين چُورُ
مَعلُومُ اَٿئِي مُورُ، ڳُوڙهو اِنهِينءَ ڳالَهه جو.

◈

سيوا ڪرِ سُبحَانَ جي، جِتِ جَرُ وَهي تو جال
سَوين وَهَنِ سَمُوندرَ ۾، ماڻڪ موتي لال
جي ماسو مِليئِي مالُ، تہ پُونجِيارا پُرُ تِئين.

◈

سيوِئو جَنِ سُبحَانُ، وِير نہ وڙهِي تَنِ سِين
بَڌِي تَوَڪَلَ تُرَهو، آرُ لَنگهِئا آسَانُ
توبَہَ جي تَسبِيحَ سِين تَرِي وِئا طوفَانُ
ڪامِلُ ڪِشتِيبانُ، وِچَ ۾ گَڏِيُنِ واهَرُو.

◈

وَڪَرُ سو وِهاءِ، جو پَئِي پُراڻو نہ ٿِئِي
ويچِيندي وِلات ۾ ذَرو ٿِئِي نہ ضاعِ
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳِهِ جَنهِن جي اُبهِين.

◈

اُتِي اورِ اَللهَ سِين، ڪُوڙُ ڪَماءِ مَ ڪَجُ
ڪَڍُ تُون دَغا دِلِ مان، صاحِبَ وَٽِي سَچُ
مَحَبتَ سَندو مَن ۾ ماڻڪُ بارِجُ مَچُ
اِنهين پَرِ تُون اَچُ، تہ سَودو ٿِيئِي سَڦرو.

◈

جي تُون ٿِئين اَللهَ جو، تہ عالَمُ سَبُ سَندوءِ
”مَن لَہُ المَوليٰ فَلَہُ الكُلُ“ پرينِ پاڻَ اُتوءِ
ڳَپُرُ ڪِينَ ڳَندوءِ، وانءُ تُون لَهرِنِ ڳَڏِئو.

◈

تانگهي ۾ تاڻي، ٻَنڌُ پَنهنجو ٽُرهو
اُونِهين ۾ آڻي، ڪو نہ ڏِيندُءِ ڪو ٻِئو.

◈

وَڻِي وِجُهہ وَڳَرَ جا دَنگِيءَ ۾ داڻا
وِيرِ وَرَنديِئہ ويسَرا! ويهُہ مَ ويڳاڻا
هِيءَ نِندرَ نہ جاڻا، ڪَڏِهن هَٽَندِيَئہ ڪُنَ ۾.

◈

جَرَ ۾ ڦوٽو جِيئَن، لَهريُون لَڳندي اَڏَ ٿِئي
تُون پُڻ آهِين تِيئَن، دُنيا ۾ ڪو ڏِينهَڙو.

◈

سونارا، صَراف سِين ٻَجِي ڇَڏِ بازِي
چانڊِي ڪئو چَلائِيين رُپو روَازِي
جِتِ ٿِيندو رَبُ قاضِي، اُتِ تورِيندُءِ تَجوِيزَ سين.

◈

جي نہ سُڃاڻن سَچَ کي، ويھُ م تِني وَٽِ
امُلَ کي اَڏَ ڪَري پاڻا هَٽنِدا پَٽِ
ماڻِڪُ ٿِن سان مَٽِ، جي پارکو پاڻِيَٿَ جا.

◈

وِئا سي وِينجهارَ، هِيرو لَعلَ وِنڊِين جي
تَنِي سَندا پوئِيان، سِيهي لَهَنِ نہ سارَ
کُٽِين ڪُٽُ لُهارَ، هَاڻي اُنِي پيٽِيين.

◈

اَگهيو ڪائو ڪَچُ، ماڻِڪَنِ موٽ تِي
پَلَئِہ پايو سَچُ، آچِيندي لَجَ مَران.

◈◈◈

# سُر گهاتو

مَتو آهِين مَڇَ، ٿُلهو تِئو ٿُونا هَٽِين!
جا تو ڏِٺِي اَڄَ، تِنهِ پاڻِيءَ پُنا ڏِينهَڙا.

◈

ڪُنڍِي ڪَلِينِ وِچَ ۾ جَڏِهن هَنئِي جَنِ
مُونکي مُون پِرينِ، ڪَڍَڻَ جِي ڪانهَ ڪَئِي.

◈

ڪُنڍِي ڪَلِينِ وِچَ ۾ جَڏهن هَنياءُون
موتِ نہ مارِياءُون، ڏورِ ڏِيَئِي وِئا ڏُکَ جِي.

# سر ڪاهوڙي

مُون سي ڏِٺا ماءُ، جَنِي ڏِٺو پرِينءَ ڪي
تَنِي سَندِي ڪاءِ، ڪَري نہ سَگهان ڳالهڙِي.

◈

مُون سي ڏِٺا ماءُ، جَنِي ڏِٺو پرِينءَ ڪي
رَهِي اَچِجي راتڙِي تَن جُنگن سَندِي جاءِ
جَنِي جِي ساجاءِ، تُرَهو تِئي تارِ ۾.

◈

ماءُ ڪاهوڙِي هَلِيا دُڪائِي دُونهان
ڇَپَرَ جا سُونهان، ڏوتِين ڏُٺُ چِتائِيو.

◈

سُکِ نہ سُتا ڪَڏهِين گرَڪَٽا لاهي
اوسِيڙو آهي، ڪاهَوڙِين اِنِ پَنڌَ جو.

◈

گنجي ڏُونگرَ گامَ جِي پيئِي جَنِ پَرَکَ
واري سي وَرَقَ، لوچي لاهُوتِي ٿِئا.

◈

گنجي ڏُونگرَ گامَ جِي پيئِي جَنِ پَٽِي
ڇَڏي نِندَر گهَٽِي، لوچي لاهُوتِي ٿِئا.

◈

جهنگَل هَليا سي نہ پُليا، راهَ هَليا ڦُرجَنِ
اَوجهَڙِ سي نہ پَونِ، جَنِي ٻيئِي ڇَڏِيُون.

◈

ڪُتا نہ ڪُوڪارَ، نہ سي سَڌَ شِڪَارِيين
پِٽِيو ڪَٽي پارَ، جهنگَلُ آهيڙِينِ ڪي.

◈◈◈

# سر ڪاپائتي

ڪَتَڻَ جِي ڪاڻ ڪَرِين، سُتِي ساهِين هَڏْ
صُباحَ اِينديَئِي اوچتِي، عِيدَ اُگهاڙِنِ گَڏْ
جِتِ سَرتِيُون ڪَندِيُون سَڏُ اُتِ سِڪَندِينءَ سِينگارَ کي.

◈

چائُتِ پائي چِتَ ۾ سَنهُون ڪِتو جَنِ
تَنِ جو صَرافَنِ، ڏُکو داخِلُ نه ڪِئو.

◈

مَحَبَتِ پائي مَنَ ۾ رَنديا روڙِيا جَنِ
تَنِ جو صَرافَنِ، اُٽُورِئو اگهائِيو.

◈

تُنَبائِي تاڪِيدَ سِين جَنِ پِڃايو پاءُ
لَسِي تَندُ لَطِيفُ چَئِي هَلِي تَنِ هَٿاءُ
مَلِمَلِ مَنجهان ماءُ، جي سِڪُيون تَنِ سُونُ ڪِئو.

◈

نہ ڳتي ڳتائي، نہ ڳڏي ڪوريين ڪاڻ
رَبَ سان جَنِ رِهاڻَ، ٿَنِ اُڏو ناهِ اُگهاڙ جو.

◈

نہ سي وَوڻَ وَوڻَنِ ۾، نہ سي ڪاڻاريُون
پَسِئو بازاريُون، هِنيَڙو مُون لُوڻُ ٿِئي.

◈

ڪي اوڀِينِ عَرَبَ ۾، ڪي ڪابُلَ مَنجهِ ڪَٽَنِ
سُٽُ اُنِي جو سَڦِرو مَٿِئو ماٽِڪَنِ
قادِرَ! ڪِينَ ڪَڍَنِ، ٽيلي ٿُلهي واريُون.

◈◈◈

# سر بلاول

سَنيها سَرِيرَ ۾ راهُوءِ جا رَهِيامِ
ٻِئا دَرَ وِسِرِيامِ، ڏِٺي جادَمَ جَگري.

◈

ڏَمَرِئو تہ ڏي، پَرَچِئو تہ پاٿَ يَري
جُنگَ جَگري کي، ٻَئي چَگِيُون چِتَ ۾.

◈

جَگرا تُون جِيين، تُنهنجو کَنين مَندو مَ سُٽيان
اکيين ۽ هِنيين، ٻنهِي تارِي تُنهِنجي.

◈

جَگري جِهو جُوانُ، ڏِسان کونہ ڏِسِينِ ۾
مُهُڙُ مڙني مُرسَلِين، سَرسُ سَندُسِ شانُ
اِيءُ آگي جو اِحسانُ، جِنهِ هادِي ميڙيُم هِهَڙو.

◈

جَگرو جَسَ گرو، ڀِئا مِڙيئي خانَ
مِنِي اِنَ مَڪان، اَصُلِ هُئِي ايتَرِي.

◈

جَڪرو جَسَ گرو، ڀِئا مِڙيئِي مِيرَ
مِنِي اِنَ خَمِيرِ، اَصُلِ هُئِي ايتَرِي.

◈

جَگرو جَسَ گرو، ڀِئا مِڙيئِي مَلَ
سَمي جي سُهاڳَ جي ڪِنهَ نہ پيئِي گَلَ
مِنِي اَنَ مُرسَلَ، اَصُلِ هُئِي ايتَرِي.

◈◈◈

# سر پرياتي

سُتو ڪِيئَن نِنڊرون ڪَرِين، وَرُ وِهاڻِيءَ ووءِ
سُيان ساڙُ سَندوءِ، پِيو هُوندو پَٽَ ۾.

◈

طَمَعَ جِي تَوارَ، مَتان ڪَرِين مَڱڻا
ڏِڪي ڪَندَئِي ڏارَ، ماڻِڪُ ڏيئِي مُٺِ ۾.

◈

ڏاتارَ ڏوھُ نہ ڪوءِ، ڏوھُ مِڙوئي مَڱڻي
جي اُيو دَرَ يَرِ ھوءِ، تہ ڏِيھاڙِي ڏاتِ لَھي.

◈

تون سَبَڙُ، آءٌ سيڪَڙُو، تون پارِسُ، آءٌ پِينارُ
ڏِسِندِھين ڏاتارُ، ڪُلھي پاٽُم ڪِينَرو.

◈

تون سَيڻُ، آهِين سيڪڙُو، تون ڏاتارُ، آهِين ڏوهُ
تون پارِسُ آهِين لوهُ، جي سَجين تہ سون ٿيان.

◈

ڏاتارُ تہ تُون، ٻِئا مِڙيئِي مَڱتا
مِينهَ مُندائِتا وَسَڻا سَدا وسِين تُون
جي گهَرِ اَچِين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

◈

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي
آريون ابوجهن جيون سَيڻُ جامُ سَهي
جو راءَ وَٽِ راتِ رهي، تنهن کي جُکي
جا نِڪتيان نہ ٿئي.

◈◈◈

# سر ڪارايل

ڪؤنرَ پاڙُون پاتارَ ۾، يؤُنرُ يري آڪاسِ
بِنهِين سَندِي ڳالَهڙِي رازِقَ آندِي راسِ
تِنهِ عِشقَ کي شاباسِ، جِنهِ مَحَبتِي ميڙِئا.

◈

سَرَ ۾ پَکِي هيڪَڙو پارهيڙِي پَنجاهَ
سَنديءَ آسَ اللهَ لُڏي لَهرِينِ وِچَ ۾.

◈

اَچو آبُ لُڙُ تِئو ڪالوڙِئو ڪَنگَنِ
اِيندا لَجَ مَرَنِ، تِنهِ سَرَ مَتي هَنجَهڙا.

◈

هَنجَهنِ سِين هيڪارَ، جي ڳُڻُ ڳري ڏِهاريين
تہ ٻَگنِ سِين ٻِيهارَ، هُوندَ ٻيلَ نہ ٻَڌِين ڳَڏهِين.

◈

وِئا مورَ مَري، هَنجهہُ نہ رَهيو هِيڪڙو
وطَنُ ٿِيو وَري، ڪُوڙَنِ ڪانيرَنِ جو.

◈

سَنهَان يانءِ مَ سَپَ، سُڪا جَنِي پيٽَ
تَنِي جي چَپيٽَ، جُنگَنِ کي جوکو ٿِئي.

◈

سَنهان يانءِ مَ سَپَ، وِياءَ واسِينگَنِ جا
لَتاڙِيا لَطِيفُ چَئي چوريا وِجهَنِ چَپَ
تَني جي جهَڙَپَ، هاتِي هَنڌان نہ چُري.

◈◈◈

# سُر ڏهر

اَللهُ جِئَن نالوءِ، تِئَن مُون وَڏو آسَرو
خالِقَ تُنهِنجيءَ ڪانڌَ جو پَرو پانڌُ نہ ڪوءِ
نالو رَبَ سَندوءِ، رَهيو آهي رُوحَ ۾.

◈

جيڏو تُنهِنجو نانءُ، ٻاجَهہ پِہ اوڏِيائِي مَنگان
ري ٽنپين ري ٽوٽِيين، تُون ڇَپَرُ تُون ڇانءُ
ڪُڄاڙو ڪَهانءُ، توکي مَعَلُمَ سَيَڪا.

◈

سَتُرُ ڪَرِ سَتارَ، آءٌ اُگهاڙِي آهِيَان
ڍَڪِين ڍَڪَڻهارَ، ڏيئِي پانڌُ پَناهَ جو.

◈

ڪَڏِهن مَڙهُ مُقامَ ۾، ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ
سَندو وارِيءَ ڪوٽ، آڏِئو آڏيندين ڪيترو.

◈

صاحِبَ تُنهِنجِي صاحبِي عَجَبُ ڏِنِي سُون
پَنَ بوڙِينِ پاتارَ ۾ پَهَڻَ تارِين ٿُون
جي گهَرِ اَچِين مُون، تہ ميريائي ماڻُ لهان.

◈

سُتَا اُٿِي جاڳُ، نِندَر نہ ڪِجي ايتَرِي
سُلطانِي سُهاڳُ، نِندُرون ڪَندي نہ ٿِيي.

◈

هِي تان تورَڙِيُون، جي تو پورا پانئِيُون
راتِيُون ٻِيون گهَٽيُون، جي تو اِينديُون هيڪَلي.

◈

سُتي نہ سَرَندياءِ، ڪَرِ پَچارَ پِرِينءَ جِي
وِهامِي وِيندياءِ، گهَٽا هَٽَندين هَٿَڙا.

◈

اڏي اڏي اوڏ، ڇڏي وِئا ييٽيُون
ڪانيايُون ۽ ڪوڏ، پِئا آهِينِ پَٽ ۾.

◈

جاڳو جاڙيجا، سَما سُکِ مَ سُمَهو
پَسو آن پَارا، لاکو تو لوڙيُون ڪري.

◈

وَڳَرَ ڪِئو وَتَنِ، پِرتِ نہ ڇِنَنِ پاڻَ ۾
پَسو پکِيئَڙَنِ، ماڻهنِئُون ميتُ گهٽو.

◈◈◈

# سر آبري

اَوَلِ آخِرِ آهِ، هَلڻُ مُنهنجو هوتَ ڏي
پورهيو سَندو پورِهيَتِن والِي ڪِيمَ وِجاءِ
سو مُون تورو لاءِ، جِئَن جِئري مِلان جَتَ ڪي.

◈

ساجَنَ ڪارَڻِ سُجَ، مَرُ قَبُولِي سَسُئِي
اَندرِ جَنِي اُجَ، پاڻِي اُجو اُنِ ڪي.

◈

وڏا وَڻَ وَڻڪارَ جا، جِتِ نانگَ سُجَنِ نِيلا
اُتي عَبدُاللطِيفُ چَئي ڪِئا هَيڪَلِيءَ حِيلا
جِتِ ڪُڙُم نہ قَبِيلا، اُتِ رَسِجُ رَهَبَرَ راهَ ۾.

◈

واڦُفِ نہ وَڻِڪارَ جِي، پاڙِيءَ گنيُمِ نہ پاءُ
جَبَلُ جَلَدايُون ڪَري تِڪَ ڏيڪاري تاءُ
لَڳِي لُڪَ لَطِيفُ چَئي، مَعذُورِينِ مَٿاءُ
اُتي اوڏو آءُ، جِتِ هوتَ هَيڪَلِي آهِيان.

◈

هوتُ تُنهِنجي هَنجهَ ۾ پُڇِين ڪوهُ پَهِي
”وَ فِي انفُسَڪُمِ افَلا تُبصِرُونَ“، سوچي ڪَرِ صَحِي
ڪَڏهِن ڪانہ وَهِي، ڪا هوتُ ڳولَڻُ هَٿَ تي.

◈

ڪونِهي اُتِ ڪوهيارُ، جِتِ تو پورِي پانئِيو
پَنڌُ مَ ڪَرِ پَهاڙَ ڏي، وُجودُ ئِي وَڻِڪارَ
ڏاريا پانئِجِ ڏارَ، پُڄُ پِريان ڪَرَ پاڻُ تون.

◈

ووڙِيمِ سَڀَ وَٿاڻَ، جارَ ڪارَڻِ جَتَ جي
”وَاللهُ بِڪُلَ شَيءِ مُحيطُ“، اِيءُ آرِياڻِيءَ اُهجاڻُ
سَڀَ ۾ پُنهون پاڻُ، بِئو ناهِ بَروچ ري.

◈

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ
تہ نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ
پُنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سُور هُئا.

◈

وڃين ڇو وڻڪار، هت نہ ڳولين هوت کي
لِڪو ڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار
لئيءَ سَتي ٻڌ سندرو پرتِ پُنهونءَ سين پار
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

◈

ڪُوڙيُون پُڇَن ڪيچ، هوت نہ ڳولين هِتهين
جَن پُنهونءَ سين پيچ، تَن پيرين پَنڌ وِسارِئو.

◈

هَلُ هنيين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرمَ پَنڌ
رائي پُڄُ مَ رَندُ، رِڙهُ رُوحانِي سَسُئِي.

◈

هَلُ هِنيين سِين هوتَ ڏي، سِسِي ڳَڻُ مَ ساڻُ
جَنِي يانيو پاڻُ، سي آرِياڻِيان اوري رَهيُون.

◈

سَڏائِني سَيَڪا، ٻُڪَ نہ ٻاسي ڪا
جيهِيءَ تيهِيءَ ذاتِ جي، جُنبش ڪانهي جا
مُون سِين هَلي سا، جا جِيءُ مِٺو نہ ڪَري.

◈

سُڳِڻِ وارِي سَڏُ، مَتان ڪا مُنڌ ڪَري
اَندَر جَنِي اَڏُ، ڏُونگرُ سي ڏورِينديون.

◈

ڏُونگرُ نہ ڏوري، سِڪَڻَ جِيُون سَڏُون ڪري
گهَرِ وينِي گهوري، مَتان پِرِينِ جِندَڙو.

◈

تو جو ٻولُ ٻَروچَ، ويهِي ڪِئو وَٽڪارَ ۾
سوئِي پاڙِج هوتَ، مون جيهِي مَعذُورِ سِين.

◈

پهِرِين ٿُون پاريج، پارَڻُ پوءِ پُنهونءَ تي
ٻولُ مَ وِساريج، هُو جو ڪِيوءِ هوتَ سِين.

◈

ڏنائين
پڙهن
ڏسجڻ ۽ ڏسڻ کي پرکيائين
اکيون اڻي اُن کي سانڍي سانڍي سانڍي جوا
آوا اڻائين، ڪو ڏنگهيو

سڏ ۾ ڪڏ سڏي وڃي، هلڻ وڃي ۾ هل
هلڻ وڃي ۾ هل، ڏاڍ وڃي هنان ڏڻين.

لڳندي لڪن ٻرٻون، آلا ڄمي ڪران ايئن
ماڻ مُنهنجي پيئندا، ته ڪر لاڪون للڙيون.

# سر معذور

وَڏِيلِ ٿِي وايُون ڳَري، ڪُتَل ڪُوڪاري
هُنَ پَنَ پَنهنجا سارِئا، هيءَ هَنجهوُن هوئَن لئي هاري.

◈

ڪَهي جا ڪِينَ ڳٽي، پرِينءَ پُهُتِي سا
وِهي ويڙهِجي جا، وَصُلُ تِنهِ وِڃائِيو.

◈

هورِنِ هاڙهو لَنگهِيو، ڳوريُون پاسي ڳوٺ
ڪيچِ تَنِي کي ڪوٺَ، ’ڪِينَ‘ جَنِي جي ڪَڇَ ۾.

◈

ڳَندا مُون پيرَنِ ۾ مَرُ جان لَکَ لَڳِنِ
آڳَرُ آڳوڻي نہ مِڙي، ڇِپُون پيرَ ڇِنَنِ
وِيندي ڏانهَ پِرِينِ، جُتي ذات نہ پائيان.

◈

جَبَلُ ماري جَکَ، جو آڏو عجيبن کي
توٺي لکَن لکَ، سَپ لنگهنديس سِگَ سِيين.

◈

ٿِنيءَ ٿڌِيءَ کاهِ، کانهي ويل وِهڻ جِي
مَتان ٿِئي اوندا،هِ پيرُ نہ لهِين پرينءَ جو.

◈

لِکيو جو نِراڙ، سو انگُ کِياڙِيءَ نہ ٿِئي
پاڙِئو وينِي پاڙِ، جيکِين لَکيو لوح ۾.

◈

ماڙهُو ڏِيئِي مِيهَٽا مُونکي گَندا کوهُ
صورتَ سُپيرِينِ جِي، ڏِٺي کونهِي ڏوهُ
چَپَرُ منجهان چوهَ، روئِي رَگِينديَسَ رَتُ سِين.

◈

کيچان اوري کيترين معذوريون مُيون
واٺون ويهہ تيون، کُهُ جاٽان کيهِيءَ وئا.

◈

آءُ نه گڏي پرينءَ کي، ٿُوڙ ٿو لهين سج
آءُ جي ڏِينئين سنيهڙا نيئي پريان کي ڏج
وَجي کيچ چئج، ته وُيچاري واٽ مُئي.

◈

آءُ نه گڏي پرينءَ کي، پويون ٿِئُم پساهُ
سِڪانءُ ٿي سڪرات ۾، رويو پُڇان راهُ
شالَ مَ وَجي ساهُ، پَسَڻَ ڏاران پرينءَ جي.

◈

آءُ نه گڏِي پرِينءَ کي، مَٿان آيو مَوتُ
واجهائِيندي وَرَهِ ٿِئا، هَئي نه گڏِيُم هوتُ
جيڪُسِ تِينديَسِ فوتُ، فَنا هِن فِراقَ ۾.

◈

رُجنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ چَتونءَ جِي چانگارَ
اِي عِشق جي اُبڪارَ، نُعرو آهي نِيهَ جو.

◈

رُجنِ ۾ رَڙِ ٿِي، ڪَرَ سارَنگِيءَ جو سازُ
اِيءُ عِشقَ جو آوازُ، ماڙهُو. رگنِ مُنڌَ تي.

# سرديسي

ڏاگهن، ڏيرَنِ، ڏونگرَنِ، ٽنهين ڏِٺمِ ڏُکَ
سي سڀ پاتيم سُکَ، هيڪاندِ ڪارڻِ هوتَ جي.

◈

اڱڻ مَٿي اوپرا، جَڏهن ڏِٺئہ اُٺَ
ڏانيڻ نہ ڏاگهَنِ ڪي، اوڳِي ساڻُ اڳٺ
تہ هُوندَ نہ ٽُنهنجي هَٿَ، سُورَ پِرايا سَسُئي.

◈

اڱڻ مَٿي اوپرا ڏِٺئي جَڏ توڏا
وَنگِيئي نہ وارَنِ سِين، تَنِ گورَنِ جا گوڏا
تہ لَڪَن جا لوڏا، هوندَ نہ سَنئِہ سَسُئِي.

◈

اڳي اُتَ رَڙنِ، مون پيري ماڪِ ٽي
پَلاڙِيندي پاڻُ ۾، ڪُجهُ ڪِينَ ڪُنَن
ڪاڇا مامَ مُنَنِ، هِنِ پُڻُ هُئِي هُنِ سِين.

◈

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي کِهَڙا پرين
لَڏئو لاڏاڻا ڪِئو پَنهنجي ديسَ وَڃنِ
پُڇاڻا پِرينِ، ڪِجي بَسَ پَنيورَ ڪان.

◈

اَللهَ اچَنِ اوءِ، جَنِ آئي مَنُ سَرَهو ٿِئي
پَسان مان پَر ڪَنهين جَتَنِ سَندِي جُوءِ
لَنگهي لَڪَ لَطِيفُ چئي، سُٽيان هوتَنِ هُوءِ
گولي ٽِيان گُلبوءِ، جي سُڃاڻي ساڻ ڏِٽِي.

◈

مون پانِيو مِزمانَ، هَميشهَ هُوندا پِرِين
کُهي ڪَميٽي هَلِئا، ڪَهَلَ ڪِياتُون ڪانه
ڏيئِي وِئا ڏاهَ ڪي، سُورَنِ جا سامانَ
جورو راتِ جُوانِ، جيڏو جَتَ ڪَري وِئا!

◈

وَرَ وَراڪا وِچَ ۾ لڪين آڏا لَڳَ
هُوءِ جي آڏا حَقَ، سي ڪندا ڪوهُ ڪُٺيءَ ڪي.

◈

سَنجهي مون نہ سنڀالِيو تہ اوٺِي ڳندا اِيئَن
کُهي کَمِيٽي کِيئَن، جَڏِي راتِ جَٽَنِ کِي.

◈

نہ ڪو ڪيچِ ڀَنڀورِ، نہ ڪو مائِٽُ مُنڌَ جو
هورُ مِڙوئِي هِن کِي، هوتَنِ ڪونهي هورُ
زاريءَ ڏاران زورُ، هَلي ڪونہ حَبيبَ سِين.

◈

ڀَهَٽَنِ ڪِينَ پَروڙئو، پُٺُون پيرَ ٿِئامِ
”ثُمَّ لايَمُوتُ فِيها وَلا يَحيٰ“، هِهَڙا حالَ سَندامَ
ڪوجها ڪِرِتَ ڪِئامَ، جئَن هوتن ڇَڏِيسِ هَبَ ۾.

◈

ثُمَرُ نہ جَنِي ساڻُ، هوتُ حِماتِي تَنِ جو
پُوندا ڇيڄَ ڇَپَرَ ۾، پُنهون اِيندو پاڻُ
تيندِي روحَ رِهاڻِ، لَحظي منجهِ لَطِيفُ چئي.

◈

جَبَلُ ماري جَڪَ، جو آڏو عَجِيبَن ڪي
ٽوٽي لَڪَنِ لَڪَ، سَڀُ لنگهندِيس سِڱَ سِين.

◈

نَڪا طَلَبَ طعامَ جِي، نَڪا بُکَ نہ اُڃ
اَصُلِ اَباڻي ڏيجَ تي سارِي ڏِنيمِ سُڃ
رائو رُلَڻُ رُڃ، ڱمِيڻِيءَ ڦُوٽَ ٿِئو.

◈

ڪَرڙا ڏُونگرَ ڪَهَ ڪَهَٽي، جَبَل جاڏا جِتِ
لوچي مُنڌَ لَطِيفُ چَئي تاڪُو پَسِئو تِتِ
هوتَ پَهُچِجُ هِتِ، آءٌ ہ اوجهَڙِ نہ پَوان.

◈

سِڪي جان سُتِياسِ، تان سِڱَ سُمهَڻُ نہ ڏِئي
جاڳِي سُتِيَسِ جَنِ لَئِي، سي آيا تان نہ اُتِياس
پيئرُ آءٌ پُلِياسِ، نا تہ سِڱَ سُمهَڻُ چا لَڳي!

◈

ماڪُ مِٺُ سَندومِ، اُونداهِيءَ ۾ سوجهَرو
حَشَرَ ويلَ حِسابَ ۾، چَڏي نہ وِيندومِ
ساري سَڌُ ڪندومِ، ڪوهيارو ڪيچَ ڏَٽي.

# سر کوهياري

غافِلِ غَفلَتَ چوڙِ، ٽُون ڪِئَن اُٿاسِي اوجهَرِين
هُوءِ چُپاتا چَڙهي وِئا، وِجي پَهُتا توڙِ
نيٽين نِندَرَ اُکوڙِ، جِمَ وَڻن ۾ واڪا ڪَرِين.

◈

جَڏهِن سُتِيُون جي، پَٿَرِ پيرَ ڏِگها ڪَري
تَڏهِن تَنِي ڪي، ساٿَ سُتَئِي ڇَڏِئو.

◈

ڏونگرَ ٽُون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍيُون ڪَرِين
مُون تَنِ اَندرِ تِيئَنَ وَهي، جِئَن وَڻُ وَڍي واڍو
اِيءُ ڪَرَمَ جو ڪاڍو، نا تہ پَٿَرِ ڪيرِ پَنڌُ ڪَري

◈

ڏونگر ڏس پرين جو، ڪاف نہ ڏيين ڪو:
قطارئا ڪالهہ وِئا ڪي توڏا وَٽان تو
هوتَ مُئيءَ جو هو، ڪو ساجَنُ اُنهين ساٿ ۾!

◈

ڏونگر ڏکويَنِ کي دِلاسا ڏِجَن
گهڻو پُڇجي ٿَن کي جَنِ وَٽان هوتَ وَڃن
ٿون ڪِيئَن سَندا ٿَنِ، پاهَڻَ پير ڏکوئِيين.

◈

ڏونگر ڏکَ پَئي، ڪِئَمِ توسِين ڳالهڙِي
پاٽان آءٌ مُئِي، سُورُ سُٽائي پِرينءَ جو.

◈

ڏونگر ڏکويُون، تو سِين اورَڻَ آئِيُون
جي اچَنَ قوڙايُون، ڏِجَن دِلاسا تَنِ کي.

◈

کي جي ڪَدِيا پارَ، ڏکيءَ ڏونگر پاڻَ ۾
سُٽِي سا تَوارَ، مِرُو پِئا مامَري.

◈

ڏکِي ڏونگرُ پاڻَ ۾، بَئي وِيئا رُونِ
کِنهَ کي ڪِينَ چُونِ، مَنجهِن جو مَچُ بَري.

# سر حسيني

سَرتيون سُڄي سُڄ، متان ڪا مون سِين هَلي
پاڙِي ناهِ، پَنڌُ گهٽو، اڳيان رائو رُڄ
متانَ مَري اُڄ، ڪا ڏِئي پاراتو پُنهونءَ کي.

◈

مَتي منجهان مِينهُ، پَسو جئن پاڙِي وَهي
مون پانيو هيءُ نِينهُ، تان ڄِڀيُون ڄيري سَندِيُون.

◈

ٽِمَن نيڻَ رَتُ وَهي چُڙاڪا ڪِئو
مونکي ڏُنءُ ڏِئو، اَئِين تا وجو اوٺِيا!

◈

جِئن جِئن پڄي راتِ، تِئن تِئن تاڙي پَنڌَ ۾
پوري ڀي نہ تاتِ، جيڪا سا جَتَن جي.

◈

ڳُوءِ ٻولِي ٻَنِ ٻَروچُ، گهوري ذاتِ جَتَن جي
مونکي چَئي 'لوچ'، پاڻُ پيهِي وِئا چِپرين!

◈

جان جِيين تان جَلُ، ڪانهي جاءِ جَلَڻ ري
ٿَتِيءَ ٿَڌِيءَ هَلُ، ڪانهي ويلَ وِهَڻَ جي.

◈

بُرو هو بَنيورُ، آرياڻِيءَ اُجارِيو
لاٿو سَيَهِين لوڪَ تان هاڙهي ڏِٺِيءَ هورُ
چوريون چُرَڻُ سِکِيُون، پُنهون ڪِئائون پورُ
آيو سو اَتورُ، جِنهِ ڏُکيون ڏِکِ وِهارِيُون.

◈

ڏُکوين اُهجاڻُ، ڪُلهي ڦاٿو ڪَنجُرو
وَجَنِ گُوندَرَ گَڏِيُون، لوڪَ نہ آچِنِ پاڻُ:
'سُورَنِ اَسان ساڻُ، نَنَڍي لاڪُون نِيهُ ڪِئو.'

◈

ڏُکَنِ پُٽِيان سُکَ، سِگها تِيندءِ سَسُئِي
پيرَ مَ ڇَڏِج پِرينءَ جو توڙي لَڪَنِ لُکَ
ڏُورِج پاسي ڏُکَ، تہ پوي ٻاجهَ ٻَروچ کي.

◈

# سر حسيني

سَرتيون سُجي سُج، متان ڪا مون سِين هَلي
پاڙي ناهِ، پَنڌُ گهڻو، اڳيان رائو رُڄ
متان مَري اَڄ، ڪا ڏِئي پاراتو پُنهونءَ کي.

◈

مَتي منجهان مِينهُ، پَسو جئن پاڙِي وَهي
مون پانيو هيءُ نِينهُ، تان ڇِپيُون جيري سَندِيُون.

◈

ٽِمَن نيڻَ رَتُ وَهي ڇُئاڪا ڪِئو
مونکي ڏَنءُ ڏِئو، اَئِين تا وجو اوٺِيا!

◈

جِئن جِئن پِرِڃي راتِ، تِئن تِئن تاڻي پَنڌَ ۾
پوريءَ ۾ نه تاتِ، جيڪا سا جَتَن جي.

◈

ڏوهُ ٻولي ٻن ٻروچ، گهوري ذاتِ ڄٽن جي
مونکي ڇڏي 'لوچ'، پاڻ پيهي وِئا ڇپرين!

◈

ڄاڻ ڄيين تان ڄل، ڪانهي جاءِ ڄلڻ ري
ٿئي ٿڏيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي.

◈

ٻرو هو ٻنيورُ، آرياڻيءَ اُجاريو
لاٿو سيهِين لوڪَ تان هاڙهي ڏٿيءَ هورُ
چوريون ڇرڻ سِکِيُون، پُنهون ڪِئائون پورُ
آيو سو اُتورُ، جنهِ ڏُکيون ڏِکِ وِهارِيُون.

◈

ڏُکوين اُهڃاڻُ، ڪُلهي ڦاٽو ڪنجُرو
وَڄنِ گوندرَ گڏِيُون، لوڪَ نہ آڇِن پاڻُ:
'سُورَنِ اَسان ساڻُ، ننڌي لاڪُون نيهُ ڪِئو.'

◈

ڏُکن پُنيان سُکَ، سِگها تِيندءِ سُسُئِي
پيرَ مَ ڇڏج پرينءَ جو توڙي لَکَنِ لُکَ
ڏورِج پاسي ڏُکَ، تہ پوي ٻاجهہ ٻروچ کي.

◈

وُوءِ ووءِ ڪَندي وَٺ، مٿان وُوءِ وِسارئين
رَنڊَنِ مٿي رَٺ، هار نہ مِليون هوٺ کي

◈

هَيَس جي آئون، ٻانهِي ٻاروچَنِ جي
هُونَدَ نہ ڇڏِياءُون، ڏکِيءَ کي ڏُکَنِ ۾.

◈

اڳي اِيئَن هُيَاس، جِئَن پنهونءَ ڏوٿم ڳَپَڙا
هاڻي هِيئَن ٿِيَاس، جِئَن جَتَ نہ نِينَمِ پاڻ سِين.

◈

هوتُ نہ مَنيان ماءُ، ٻئو مالُ مِڙوئِي مَنيان
جَهِين جِي ساڃاءِ، رِڙهان ٿِي رَندَنِ ۾.

◈

سَڄَڻُ ڏِٺو جَنِ، تَنِ ڳِچيءَ سِرِ ڳَهُ ڪِئو
ٻيون ڪوهُ ٻُجهَنِ، قَدُر اِن ڪِيمياءَ جو.

◈

سَڄَڻُ ڏِٺو جَنِ، مونَٽُ تَنِي ميهَٽو
ايءُ مَرَڪُ معذورِينِ، جئن مَرَنِ پِريان جي پيرَ تي.

◈

ڪَهان تانَ ڪيچان پَري، وِهان تانَ وَٽ مُون
پِلي ڏورِيَمِ پُون، عَبَٿُ آرِيءَ ڄامَ کي.

◈

ڇپُون ڇَپَرَ ڳٽ، پَهَڻَ پَٽرَاٽِي پانئِيان
سيڻَن ڄِيءَ سَهَٽُ، ڏُونگرُ ڏولِي مون ٿِئو.

◈

جيڪِين فِراقان، سو وِصالان نہ ٿِئي
اِڃي اوطاقان، مُونکي پِرينءَ پَري ڪِئو.

◈

سُورَ مَ وَڃيجاهُ، سَڄَڻَ ڄِئَن سانگ وِئا
پِرين پُڇاڻاهُ، آءٌ اوهان سِين اورِيان.

◈

مڙو سُورَنِ وارِيُون ڪريون سُورَ پَچارَ
مُٺِ مُٺِ سُورَنِ سَيَڪَهِين، ڪانهي سُوران ڏارَ
ڏِنَمِ جي ڏاتارَ، سي مون جهولِي پائِي جهَلِئا.

◈

ٿَنِ سُورَنِ کي شاباس، جَنِ مون سان گھارِيو
ٻيلِي لِنَڱِهِ چِيَرِين، هِئا هَمارِي پاس
جَڏِ پُنهونءَ کي گڏِياس، تَڏِ ويچارا وَرِي وِيا.

◈

پُڄَنِ سي پَسَنِ، جَڏهِنِ تَڏهِنِ پِرِينءَ کي
ڏُورِيندِيونِ ڏِسَنِ، اَگَڻُ عَجِيبَنِ جا.

◈

ڏُورِيان ڏُورِيان مَ لَهان، شالَ مَ مِلان هوتَ
مَنَ اَندرِ جا اوتَ، مَحُبتِ سا ماٺِي ٿِئي.

◈

جاڳِي سُجاڳِي، مونکي ڇَڏِي هَلِيا
آءٌ کِيئَن ڇڏِيان پانهنجو، اَديُون آرِياڻِي
پَرِيَمِ جو پاڻِي، سو کيچِينِ کَمُ نه آئيو.

◈

ڇِجُ مَ قطارا، ساٿُ ڇَڙِهندو لَکِيين
مَحُبتِ تِئين پُئا، وَکَ وانئُڻَ ئِي نه لَهِين.

◈

اِڄُ مُرُ اُڃَنِ، ٻاروچا ٻَنيورَ
پُنهِي، لُڳي جَنِ، ڳُميٺِي ماڙهُو ٿِئي.

◈

وَسِي وِساڻِيُون، رَتو روئِي پِرِينءَ کي
پيِيُون ڳٽَنِ پِڀِ ڏي نَظَرَ نماڻيون
سي ڪِيئن پِيلاڻيون، جَنِ وِيندو هوتُ نه وارِئو.

◈

نَڪِين تِي جِيَان، نَڪِين مُئِي آهِيان
ساجَنَ ساهُ ڏِيان، توکي سارِيو سُپرِين.

◈

مَري تِيندِيَسِ مُڄَ، جَتَنِ ڪارَڻِ جِيڏِيُون
ڪَري ڪوهيارو سُڄَ، وِئو ڇُلائي ڇَپَرين.

◈

سَڏَنَ پُنِيءَ سَڏڙا، واکو وِجهُ وَڻين
سَڄَڻُ پَنڌِ گَهَٽِي، مانَ ڪوهيارو ڪُوڪَ سُڻي.

◈

ڪوهيارو تي ڪاٺ، مُيُون ماري هَلئِو
هوئي مَرُ حَياتُ، آءٌ مُيَائِي گھورَئِي.

◈

سِرِجي تان سُورَ، ساماٽِي تان سُڪَ وِئا
اِهي ٻيئِي پُورَ، نِماٽِيءَ نصِيبُ ٿِئا.

◈

هَئِي تو وجي هوتُ، آءٌ ڪِين اڳيَرِي ٿِيان
متان چوءِ بلوچُ، ’ڪَميٽِيءَ مان ڪِينَ ٿئو.‘

◈

ڪَميِٽِينِ هَتاءِ، ٿِيَنِ مُورائِين مَدِيُون
تون ڪر پاڻُ- وَڙاءِ، مُوٺُ سَٻاجها سُپرِين!

◈

ڪيچ مَ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مُنهِنجِيءَ ذاتِ جِي
مَتان پُنهون پوءِ، لَڄَ پنهنجي لوءِ ۾.

◈

پارو چا پئا گهڻا، منهنجو پُنهون سَرُ سَينِ
چانگي تي چڙهِي ڪري ڪندو وَرِ وِلهن
مَتي مَعذورِينِ، هوتُ ڏرِيندو هَٿڙا.

◈

مون جئن مُلاقاتَ، جي هُيَان هوتَ پُنهونءَ سِين
پانهُن وِجهِي واتَ، رِيهُون ڪِيان رُجن ۾.

◈

سُورَنِ سانڊِيَاسِ، پُورَنِ پالِي آهِيان
سُڳَنِ جي سَيدُ چَئي، پُڪِي آءٌ نہ پِياسِ
جِڪُسِ آءٌ هُياسِ، گُرِي گُوندَرَ وَلَ جِي.

◈◈◈

# سر راڻو

بيڪاريءَ کي ٻَرَ ٻر وِٺو ڪيفُ چڙهي
ڳالهِيُون ڳُنڍي ڪاڪَ جِيُون ڳوڙها پِيَسِ ڳڙي
ڪا ڄا انگهہَ اَڙِي، جِئَن ڄُٽا ڦُٽ ڄُڙِي پيا.

◈

هَلو هَلو ڪاڪِ ٿَڙِ، جِتي نِيهَ اُجِلَ
نہ ڪا جهَلَ نہ پَلَ، سَيُڪو پَسي پِرِينءَ کي.

◈

هَلو هَلو ڪاڪِ ٿَڙِ، جِتي گهَڙِجي نِيهُ
نڪا راتِ نہ ڏِينهُ، سَيُڪو پَسي پِرِينءَ کي.

◈

ڪاڪِ نہ جهَلِئا ڪاپَڙِي، موهيا نہ مَحَلَنِ
ٻائِنِ ۽ ٻانهِينِ جي ٻَنڌَڻِ ڪِينَ ٻَجهَنِ
لَڪين لاهُوتِينِ، اِهَڙِيُون اورِيان ڇَڏِيُون.

◈

ڪاڪِ نہ جهَلِئا ڪاپڙِي، موهيا ڪِنهِ نہ مال
سوڍيون سِجهائي هَلِئا، هَهَڙا جَنِي حال
جي چورِينِ ڏنا چالَ، تہ پِہ لاهُوتِي لَنگهي وِئا.

◈

رَڳي جي رِيٽو تِئا ڪِينَ اُپائِجَنِ اوءِ
ڪَپِ نہ ڪاري تِنهِ ڪي جو هالارِي هوءِ
ٽوٽي ڏوڀِي ڏوءِ، توءِ لالِي تَنهِين نہ لَهي.

◈

مُومَلَ ڪي مَجازَ جا اَڪِين ۾ اِلماسَ
نہ ڪا عامَ نہ خاصَ، جي وِئا سي وَڍِئا.

◈

مُومَلَ ڪي مَجازَ جا اَڪين مَنجهِ اَنبُورَ
هَٽِي حاڪَمَنِ ڪي پَٽَ نِهارِي پُورَ
گهوٽَ پِهرِينءَ گهُورَ، گُجَرَ گهٽا گهائِيا.

◈

رُسُ مَ، رُسَڻُ گهورِئو، پَلُ مَ پَري جا
پرِيَمِ پيِيُون ڳالِهيون مُتيءَ مُون هَتا
ڪَميٽِينِ ڪَنا، تِينِ مُورائِين مَنِيُون.

◈

سودي مُنهنجي ساهَ سِين جيڏِيون جيئن گھُو
ڪَڙِي مون ڪاڪِ تي، آئڻُ وِهُ ٿِئو
پَسانَ ڪِي نہ پِئو، تِنه رِءِ اکڙِين سين

◈

شَمَعَ ٻارِيندي شَبَ، پِرَهَ ٻاگُون گڏِيُون
موتُ مَران تِي مَينڌرا، راڻا! ڪارَڻِ رَبَ
تُنهِنجِيءِ تاتِ طَلَبَ، ڪانگَ اُڏايَمِ ڪاڳَ جا

◈

راڻُو ڪا راتِ وِئو ڳُجھِي ڳالھَ ڪَري
سوڍِي رِءَ سَرِتيُون هَڏِ نہ ساهُ سَري
وِجي مانَ وَري، آسائِتِي آهِيان

◈

راڻا رُسَڻُ ڇڏِ، وارِ ڪَرهو ڪاڪِ تي
حُبَ هنِيين سِين گڏِ، تہ وَجَنِ سُورَ سَندا ڪَري

◈

کيڏانهہ ڪاهيان ڪَرَهو، چِٽراٽو چوڏارَ
منجهہِ هين ڪاڪِ ڪَڪورَئي، مَنجهہِ هين باغُ بَهارَ
ڪانهي پِي ٿوارَ، ٿِئو مِڙوئِي مَيندرو.

◈

جيڏيون مُنهنجي جِيءَ سِين راٽي رِنُ ڪِئو
ڦَلَبُ ڪاڪِ ڪَنڊِين ۾ پُرزا ٿِي پِئو
ٻُجهان ٻَهَرِ وِئو، هِنيُون هَندِ نہ اِڪِئين.

◈

مِيان مَينڌرا موٽُ، بَخشِ ڪَرِ بُچائِيُون
تون گهٽن جو گهوٽُ، مون ورُ تون هِين هيڪڙو.

◈

ڍولي ڍَڪي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙِي
ڏيئي لِڪَ لاڙِي، ڪَڪَرُ ڪِئائِيمِ ڪاڪِ جو.

◈

ڍولي ڍَڪِي آهِيان، هُيَسِ اُگهاڙي آنءُ
رکي پنهنجو نانءُ، ڪَڪَرُ ڪِئائِيم ڪاڪِ جو.

◈

ٺٺون نِيَاپو آئيو راڻي مُلا راتِ
لَڌيسُون لَطِيفُ چَئي، ڳنا ڏاٿرَ ڏاتِ:
’ڪانهِ پُڇي تو ذاتِ، جي آيا سي اڳهِيا.

◈

ڪَثافَتَ جا ڪاڪِ جي سا مَينڌري مينڌيام
اوڳڻَ عيبَ سَندامِ، سَڀَ ڍولي ڍَڪي ڇڏِئا.

◈

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو سَينِ سُونهَ
لاتائِين لَطيفُ چَئي مَٿان دِلينِ دُونهَ
ڪانهي ٻِي وِرُونهَ، تِئو مِڙوئي مَيندرو.

◈◈◈

# سُر ليلان

جو تو مَٽيون ڀانئيو، اَصل ڪُوڙو ڪَچُ
هِنَ ڏُٺيري هارَ کي تون سوڍِي ڀانءِ مَ سَچُ
هِتِ ڳالهيون ڪَرِين ڳچُ، هُت حرفُ نہ هلندُئي هيڪڙو.

◈

الله ڏاهِي مَ ٿِيان، ڏاهِيُون ڏُکَ ڏِسَنِ
مون سِين مون پرينِ، ڀورائِيءَ ۾ ڀالَ ڪِئا.

◈

وڏيرِي هُياسِ، چَنيسَرَ جي راڄَ ۾
ڍُلين ڏَمامين نُڦُرين ڀَرَ ۾ ڀُڃِيياسِ
جيلاهِ ڍولي ڍِيلياسِ، تي ٿِيَسِ ڏُهاڳِڻ ڏِيهَ ۾.

◈

لِيلان لَڄ ۾ ايترو، اُتي اگهڙ سُور
اَبو ڏاڏو گهورِ، پاڻ سُوڏو پِرين، ٿان

◈

پيئڙ پنيءَ راتِ، مُون چنيسرُ چِٽ ۾
سُتو لوڪ نِنڊُون ڪَري، مُون پريان جي تاتِ
سَڄڻُ سِينءَ پِرياتِ، مَنان مُورِ نہ وِسَري

◈

جي ڪارُون آٽيين ڪانڌ ڪي، تہ روئِي ريجهائِيج
سويي اِنَ سُهاڳَ کي پوري پَرُ ۾ ڏيج
لِيلان لِيلائيج، اِت آهي ماڳُ مِنٿ جو

◈

جي لِيلائي نہ لَهِين تہ پُڻُ لِيلائِيج
آسَرَ ۾ لاهِيج، سَڄڻَ سَباجها گهڻو

◈

ڍولا ڍيل ۾ مُون، ڪانڌ ڪَميٽِي آهِيان
سِڪَ تنهنجيءَ سُپرِين پيري وِڏيسِ پُون
مون وَرُ ٿون هِين ٿُون، تو وَرَ وَهُون ڪيتريون

◈

ڪوڙين ٿُنهنجيون ڪلمِٽِيُون، تون ڪوڙين سَنلو ڪانڌُ
مونکي ڇڏِ مَ داسَڙا، تہ وَيجان نہ وٽانڌَ
مون ڳِچِيءَ ۾ پانڌُ، تو ڇَنيسَرَ هَٿَ ۾.

◈

جي مان مُوڙهِي مَتِ، تہ ٿُون پاڻُ سُجاڻِج سُپِرين
اصُلِ اَوائِنِ جا عيبَ ڍَڪين ٿُون اَتِ
اِي پِرِين ٿُنهنجِي پَتِ، جِئَن وِلهِيُون ڍَڪِين وَلَها.

◈◈◈

# سُر ڪاموڏ

تون سَمُو، آءٌ گندِري، مون ۾ عَيبَ اپارَ
پَسِي لِيءَ لَغارَ، مَتان مان گرِ مَٺيين.

◈

تُون سَمُو، آءٌ گندَرِي، مُون ۾ عَيبَنِ لَکَ
هِنَ منهنجي حالَ جِي توکي سَيَ پَرکَ
ڪارَڻِ رَب اَلکَ، متان مان گرِ مَٺيين.

◈

تون سَمُو، آءٌ گندَرِي، مون ۾ عَيبَنِ ڪوڙِ
پَسِي ڪِڪِيءَ ڪوڙِ، مَتان مان گرِ مَٺيين.

◈

ڳُوءِ سَمِيُون ۾َن سُومَرِيُون، جي اچَن اوچي، ڳاٽِ
وَرُسِي کِينجهَرَ ڇائِيُون جَن ٺماڇِي، تاٽِ
راٽِين مُلا راتِ، ماڻِڪُ ميءِ پرائِيو.

◈

سمَيُون ڪَري سِينگارُ، راءُ رِيجهائِڻَ آئِيُون
ڄامُ هَٿَن ۾ چارُ، جهُلي جهَيرَنِ وِچَ ۾.

◈

گَندَ جَنِي جي گودِ ۾، پابوڙا پوشاڪَ
اُنِي جي اوطاقَ، راجا رِيجهِي آئِيو.

◈

ڪاڄُ جَنِي جو ڪِڪِيُون، مالُ جَنِي جا مَڏَ
سَمِي سيئِي سيڻَ ڪِئا، هيٽا جَنِي هَڏَ
ڄامَ پَرِتَيئِي لَڏَ، ساٿِينِ جِي سَيدُ چئِي.

◈

ڪيءَ هاٽِيُون ڪارِيُون، ڇِڇِيءَ هاٽا ڇَجَ
نڌُ جَنِي جي پاندَ سِين لَڳو تَئِي لَجَ
ڄو ڄامُ سَهَجَ، اُيو ڪَري اُنِ سِين.

◈

ڪارِيُون ڪوجهِيُون ڪُوڙِيُون، مُنهِ نہ موچارِيُون
وَڻي ويلِيُون واٽ تي ڪِڪيءِ جِيُون ڪارِيُون
اُني جِيُون آرِيُون، سَمي ري ڪيرُ سَهي.

◈

ٿڙ ٿماڇيءَ جامُ جو، ٿماڇي ٿڙ راءِ
ٿماڇيءَ جي ٿڪِيي، ٿون ٿماڇي ڪاءِ
نہ تون ٿماڇياءُ، ٿماڇي تي لِهين.

◈

سَيِيئِي سُهاڳِڻِيُون، سَپِنِ مُنهَ جَڙاءِ
سَيَڪَنهِ پانيو پاڻَ ڪي، ايندو مون گهرِ راءِ
تان پِينو تِنه دَراءِ، جِئن پَسي پاڻَ لَجائِيُون.

◈

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَچَرُ، پاسي ۾ وَڻراهِ
اڇي وَڃي وِچ ۾ ٿماڇيءَ جي ساءِ
لَڳي اُتَ واءُ، ڪِينجهرُ هِندورو ٿِئي.

◈

هيٺِ جَرُ، مَٿي مَچَرُ، ڪَنڌيءَ ڪَونرَ ٽِڙَنِ
وَرِي واهُوندَنِ، ڪِينجهرُ ڳُٿورِي ڪِئو.

◈◈◈

# سُر سورٺ

اَللهُ جي آسَ ڪَري سُٺِي آيُسِ شانُ
مَڱان ڪِهَڙِيءَ مَتِ سِين، نِسورو نادانُ
سو ڪو ڏِيارِيين ڏانُ، جو طَمَعَ کي تَرَڪُ ڪَري.

◈

تو دَرِ آيُسِ راڄِيا، ٻِئا دَرَ ڏِيئِي ٻَنِ
ڪَهان جو ڪُماچَ سِين، سو سُڻُ سَٻاجهِي ڪَنِ
جا مَنگَ مُنهنجي مَنِ، سا توکي مَعلُمَ سَيَڪا.

◈

ماڙِيءَ هيٺِ مَلُوڪَ جي چارَڻَ چورِئو چَنگُ
مِرُو ٻِئا اُت مامَري، ريڏا پَسِي رَنگُ
ٻِيجَلَ لَڌو ٻِنگُ، راجا تي راضي ٿِئو.

◈

اِي تانُ نه آهي ٺَندُ جو، ٿو رُون رُون ڳري راڙُ
هَٽندَڙَ سَندا هَٿڙا، سَيُڪو چوي ساڙُ
سَٺ ڏيئِي شهَبازُ، ٿِيءُ ته ٿوڪُ پرائِيين.

◈

مَٿو مَٿائِين گهورِيَان، مَٿو ٿو مَٿاءِ
سو مون ٿِئي نه هَٿاءِ، جِنهِ تون لائِقُ مَڱڻا.

◈

جي مَٿي اُتي مُنهنجي هُئا سِرَن سَوَ هزارَ
ته ٽُنهِنجيءَ ٺَندُ ٺوارَ، هَرَ هَرَ وَڍِيُمِ هيڪڙو.

◈

مَٿي اُتي مُنهِنجي، جي ڪوڙين هُونِ ڪَپارَ
ته واري واري وَڍِيان سِسيءَ ڪي سَئو وارَ
ته پُڻ ٺَندُ ٺوارَ، مُونهان مَٿاهِين مَڱڻا!

◈◈◈

# سر رپ

ڳوندَرَ وِڏو ويڄُ، ماءُ مُنهِنجي جِيءَ کي
ڏُکويَنِ جو ڏيڄُ، رُوئڻُ رَتُ پِرينِ لَئِي.

◈

جَڏهان ڪَرِ ٿِيامِ، ساڃاهِ سُپيرِينِ سين
تَڏهانڪُون تِلَ جيتَرو، ويلَ نہ وِسَرِئامَ
اَندَرِ رُوحَ رَهيامِ، سَڄَڻَ اوطاقُون ڪَري.

◈

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونه، گهورِئا سُکَ ڏُکَنِ ري
جَنِي جِي وِرُونهَ، سَڄَڻُ آيو مان گِري.

◈

سَؤ سُگَنِ سَٽِ ڏيئي، وِرهُ وهايِمِ هيڪڙو
مون کي تنهِ نيئي، پيرُ ڏيکاريو پِرينءَ جو.

◈

نينڌَ نه نِنڊرون گَنِ، يڳو آرَسُ اکيين
اُجهامِئو ٻَرَنِ، توکي سارِئو سُپِرِين.

◈

نِيهُ نِهائِينءَ جان، ڌَکِئو کوهُ نه ڌَکِئين
جُه جَرَ ٻيري ڄَڏي ته کِيئَن پَچَندا تان
سَندِي کُنياران، کَنِ کَريجا ڳالهڙِي.

◈

نِيهُ نِهائِينءَ جِيئن، ڌَکِئو کوهُ نه ڌَکِيين
جو جَرَ ٻيري ڄَڏي ته رَڃَ پَچَندا کِيئَن
تون پُڻ کَريج تِيئَن، جئن کُنيارَ کَرِينِ کَمَ سِين.

◈

نِهائِينءَ کان نِيهُ، سِکُ مُنهنجا سُپِرِينِ
سَڙي سارو ڏِينهُ، ٻاهَرِ ٻاڦَ نه نِکَري.

◈

ڪانڌُ تُنهنجي پانڌَ ري، سيءُ مَران سَبِ راتِ
ڪوڙين ڪَپاهَنِ ۾، جَپُ نہ اچي جاتِ
اچين جي پِرياتِ، تہ وِلهہ نہ سارِيان وَلَها.

◈

اوچِتُ گهُرجي آجِڪو، جهُوپو سَهي نہ سيءُ
سُٽائيج سُوَرَ ڪي حالُ منهنجو هِيءُ
اگِ آيو تِيءُ، تہ ڏولا ڪِنهِ ڏِنگِ تِيان.

◈◈◈

## سر پورب

پُورَبَ ماريِيَاسِ، گَنهِ دَرِ ڏِيان دانهَڙِي
مَتيُون ڏِيندي لوڪَ کي چَري پاڻ ٿِيَاس
جَنِي نہ جيهياسِ، مان لَئہُ لَگو ٿَنِ سِين.

◈

جُوءِ جيڏاهِين جوڳِيين، نِتُ تيڏاهين نيڻ
آيَلِ آديسِينِ جا وِروُهَ ٿِيَمِ ويڻ
ڪَري سَناسِي سيڻَ، هِنيَڙي حالُ پِرائِيو.

◈

جي تُون چيلو چائِيين تان پَرِ گُروءَ جي پارِ
هَوائُون هِنگلاجَ ڏي وِيندي سَپِ وِسارِ
نانگا ناٿُ نِهارِ، سامِي وَڏيءَ سِڪَ سِين.

◈◈◈

# سُر رامڪلي

جوڳيئڙا جهانَ ۾ نُوري ۽ ناري
هِري جَنِ ٻارِي، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

◈

سُتِي سيجَ هُياسِ، مونکي آهَ اُتارِئو
جَنِي جاڳاياسِ، آءٌ نہ جِيندِي اُنِ ري.

◈

جي يانئِينِ جوڳِي تِيان، تہ سَگَ سيپئِي ڇڏِ
اوڏو تِي اَلِفَ کي مَنُ مِيمَ سِين گَڏِ
هِتان لاهُوتِي لَڏِ، تہ گُرَ کي گَڏِجِين ڪاپڙِي.

◈

ڪَريو تَڪَبرَ تَڪِيا، حيلا ڪِئو هلنِ
مُوڙها تان نہ لَهَنِ، لَمِي راهَ لَطِيفُ چئِي.

◈

سَناسِي سيئي، جي آدَما اُڳِي هُئا
اوريان اورينِ عامَ سِين، پَريان پَريئي
ٿِنِي کي ڏيئي، بادِ وِڃاءِ مَ ٻِڪِئا.

◈

مَتي کان مَتي وڃي جوڳِيءَ ڏِٺي جُوءِ
اوڏو تِنو الکَ کي وَڃي رُوءِ ٻَرُوءِ
بابُوءَ چَکِي ٻُوءِ، مَنجهان باغَ بَقاءَ جي.

◈

اکيُون آلوماهُ، سَدا سَناسِيَنِ جِيُون
واري نينّ نِنداءَ، جانکي جهَليا جوڳِيين.

◈

ڦُوتَ ڪَتَرايا ڪاپَڙِي، ٻُکَ چَکِيائُون ٻُوءِ
وِئا نيرانا نِکَرِي جوڳِي مَنجهان جُوءِ
اَوَسَرِ آجا اوءِ، اُنِي گوندَرِ گَڏِئا.

◈

گندِي ۽ گِراهُ، جَنِ سَناسِينِ سانڍِيو
اُنِي کان اَللهُ، اَجان اَڳاهُون ٿيو.

◈

گولا جي گراهَ جا، جُوئا سي جوڳي
ٿَنَل سي ڦوڳي، جَنِي شِڪَرُ سانڍِيا.

جِنَ تا پُڇَنِ اَنَ کي، تِنَ جي پُڇَنِ اَللهُ
نه رڙهي لَڏائون راهَ، لَٽِينِ لُڪَ لَطيفُ چئي.

نه گِندا، نه گبَري، نه لانگوٽِي، نه لينگَ
پُٺگا جَنِي پِينگَ، صاحِبُ تَنِي سامُهون.

اَڄُ نه اوطاقُنِ ۾ طالِبَ تُوارِينِ
آديسِي اُٿِي وِئا مَڙهيون مون مارِينِ
هُوءِ جي جِيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِئا.

اَڄُ نه اوطاقُنِ ۾ سَنڍِي بابُنِ باسَ
وِئا ويراڳِي نِڪَرِي وِلها ڪَري واسَ
جَنِ جي اَندَرِ ۾ اُداسِ، سي لاهُوتِي لَڏي وِئا.

# سُر آسا

حَقِيقَتَ هَٽِي، مُنهنجِي جانِ جُدا ڳِئِي
هِڪُ پَساهُ پِرينءَ ري سگهان تان نہ ڳٽِي
ڏٽِي ۽ ڏٽِي، رَهيو آهِم رُوحَ ۾.

◈

حَقِيقَتَ هِنَ حالَ جي ظاهِرُ ڳَريان ڏري
لَڳي ماتِ مِرُنِ کي ڏُونگرَ پَوَنِ ڏِري
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوڀُرُ اُيَري ڪونہ ڪو.

◈

وِردَ وَظِيفا وِسَرِئا، نَڪا رَهِي نمازَ
هِنيَڙو ٻَحرِي بازَ، چوري چَنَبَنِ ۾ کِئو.

◈

روزا ۽ نمازُون، اِيءُ پُڻ چَڱو ڪَمُ
اُو ڪو ٻيو فَهَمُ، جِنهِ ۾ پَسڻُ پِرينءَ کي.

◈

اَحَدَ جي اِسرارَ کي جُنبي ڏِنو جن
سي مونِي ڪِينَ پَسَنِ، ڏاران هاديءَ هيڪڙي.

◈

سُتي جا ساجاءِ، سا جاڳندي نہ ٿِئي
تِهان پوءِ مون ماءِ، نينَ هيرايا نِندَر سين.

◈

اکِڙيُون پِرينَ ري جي ڪِين ٻِئو پَسَنِ
تہ ڪَڍي کي ڪانگَنِ، نِوالا نينَ ڏِيان.

◈

نيرانائِي نينَ، نيئي آچِ پِرينَ کي
سَتَرِ ڪاڏا ڪينَ، جُهُ ڏِنو مُنهُ مَحبوب جو.

◈

ڪِين جو ڪَنهين پارِ، اکيون پَسِي آئيُون
تِيون ديوانيون دِلِ ۾، اَپَرَ لَڳِين آرِ
تِهان پوءِ اقرارِ، سُتيون ڪِينَ سَيدُ چَئي.

◈

اکين کي آهين، عَجَبُ جهڙيون عادٿون
سُورَ پَرائي ساڻ جا وجهُو وِهائين
اَتي لَڙُون لائين، جِتِ حاجَتَ ناهِ هَتيارَ جي

اِکيون مون نہ وَهيڙيُون، اکيون پنهنجيءَ مَتِ
اَتي وَجي اَٽڪِيُون جِتي جان گپتِ
نکا ڳالهہ نہ ڳتِ، جِيءَ ڏِني رِءَ نہ جُڙي

اکڙين آرو، مُونهان پُڇِي نہ ڪِئو
اَتي وَجي اَڙِيُون جِتِ چَوَڻُ نہ چارو
هِنيَڙو ويچارو، واٽون جهَلِئو وِنجهُلي.

وَسَنِ ءِ وِهُسَنِ، ڏينهاڙِي ڏِسَڻَ لَئي
ڏِسي ڏِسِي آئِيُون، توءِ تلاشُون ڪَنِ
ڍِايُون نہ ڍاپَنِ، ڪا جا اُڃ اکِين کي!

ڄِتي آئي ڇڏِيئي، اُتي ئي آهين
سي سباجهيون اکِيُون ماڳُ نہ مَٽائين
جيٽِي لِڪَ لاهين، تہ گڏِي ڪانگڻ کي ڏِيان.

◈

ڇا ڪي وَڄِئو ڇو، ٻيلِي تئين ٻڻ جو
وَٽُ گَنجَگَ گَرِيَرَ ڄِي جَڳَ جو والي جو
سَهُڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سان.

◈

اَکِينِ ۾ تِي ويهُ، تہ آءٌ واري ڍَڪِيان
توکي ڏِسي نہ ڏيهُ، آءٌ نہ پَسان ڪِين ٻِئو.

◈

گَرَ جا گَڏَ گَنئِي، پَوَڻ ڪارَڻِ پِرينءَ جي
تِنهِ ۾ پاڻ پَئِي، غِيبَتِي غارُ تِيو.

◈

اَللهَ گَرَ جِيَنِ، گَرُ مَ مَري هيڪَڙو
اَسان ۽ پِرين جون اُمِيدُون پُڄَنِ
تِهان پوءِ مَرَنِ، سَڙِي اِنهِين سُورَ ۾.

◈

الله کر جِيَن، جي پاڙي رَهن پِرينءَ جي
پُنيون مون پَسَن، اُميدُون سِين سَڄڻين.

◈

مَنجهان مُنهِنجي رُوحَ، وَڃي ساجَنُ وِسرِي
تہ مرُ لَڳِي لُوهَ، ٿرَ ٻاٻيهو ٿِي مَران.

◈

اِڪِ اِلتِي ڏارِ، وانءُ اِلتو عامَ سِين
لاهوارو لوڪُ وَهي، تون اُوچو وَهُ اوڀار
مَنجهان نُوچ نِهارِ، پُرِ پُنِيرو پِرينءَ ڏي.

◈

هَٿَن سِين حاجَ ڪَرِ، نيٽَن سِين نِهار
اُيا اڳَڻَ پارِ، پَسُ پَنهنجا سُپِرين.

◈

اڪيون سيئي ڏارِ، جَنِ سان پَسِين پرينءَ کي
ٻِئي ڏونہ ڪِيمَ نِهارِ، گھَٽو رِيسَارا سُپرِين.

◈

سَياهِيءَ جو رَتُن ڪي رِهاءِ
پرِمو ڪارائِيءَ جِي پُرسُ ٿِي مَ پاءِ
ڪاني اَنڪاءِ، لالائِي لالَڻ جي.
اکين ۾

◈

سُفيدِيءَ جو جڏهن پاتو جَنِ
پرِمو ڏِني تَنِ، اَجائِي عالَمَ جِي.
ڏهن

◈

آءُ ڏورِيَئِين، شالَ مَ لَهَئِين، پِرين هوئِين پَري
هِڏُ نہ ساهَ سَري، تَنِ تَسَلِي نہ ٿِيي.

◈

مُنهُ مِحرابُ پِرينءَ جو، جامِعُ سَڀُ جَهانُ
سَيوئِي سُبحَانُ، ڪيڏانه ڪَري نِيتِيان.

◈

حَبِيبَن هيڪارَ، مَنجهان مِهرَ سَڏُ ڪِئو
مونکِي سَڀَ ڄمارَ، اورَڻَ اُهوئِي ٿِئو.

◈

پِريان سَندي پارَ جِي مِڙَئِي مِٺائِي
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکين جي چيٺ ڪَري.

◈

مُون تان لِڪائِي گهَڻُو پَرَ رُوئڻُ ڪِي روشَنُ
رَسِيو ريزالِن کي زَردِيءَ مَنجهان ظَنُ
ويرِي مون وَرَنُ، ٻَالِهه ڪَيائِين ٻُجَهه جِي.

◈

مِٺايان مِٺو گهَڻو، ڪَڙو ناهِ ڪَلامُ
سُڪُوتُ ئِي سَلامُ، پِريان سَندي پارَ جو.

◈

سِڪِين ڪَهُ سَلامَ کي، ڪَرِيين ڪَهُ نه سَلام
ٻِئا دَرَ تَنِ حَرام، هِيءُ دَرُ جَنِي ديکِئو.

◈

جيکِين ڏِنائُون، سو سَيوئِي صحَتَ
مَ چَئُ آزارُ اُنِ کي، مَ کِين مُصيبَتَ
کُهَڻُ قَرِيبَتَ، کونئُڻُ پَرِ پِرينِ جِي.

◈

مَتيُون سَڀ مُنجهاءِ، پاڻُ ڇَڏي اُو ڇاڻُ تون
پِهرِين پاڻُ پِڇُون ڪَري پِرين پوءِ پُڇاءِ
وَحدَتَ ساڻُ وِجاءِ، ڪَثافَتَ ڪَثرتَ جي.

ڇُپ ڪَرِ ڇَپ مَ چورِ، پُور اکيون ڏِڪُ ڪَن
تہ جا مُورَتَ مَنجهان مَن، تِنهِ مُشاهِدو ماڻِيين.

مَتان پانيين تون، تہ تِيَسِ ساجاري سِين سَڄڻِين
رُونديون ڏِٺيون مُون، اِنَ دَرَ مَتي دادِليُون.

سَيِيئِي سُبحَان جي ڪَرِ حَوالي ڪَمَ
تِيءُ تَحقِيقُ تَسلِيمَ ۾ لاهِيِ غَمَ وَهَمَ
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصلُ ڪَري حاجَ تو.

هو چُونئِي تون مَ چَئُہ واتان وَرائي
اگِ اگرائِي جو ڪَري خطا سو ڪائي
پَلئہ ۾ پائي، وِيو ڪيني وارو ڪِينَڪِين.

اَنَ چُونڊَنِ ڪِين مَ چَئُہ، چُونڊَنِ چِيو وِسار
اَئِي پَهَرَ اَدَبَ سِين پَرَ اِهائِي پار
پايو مُنهَ مُونِ ۾ غُربَتَ ساڻ گُذار
مفتِي مَنجهہِ وِهارِ، تہ قاضِي ڪاڙِيارو نہ ٿِئين.

◈

هو چُونئِي تون مَ چَئُہ واتان واري ويڻُ
سَپِن سِين سَيدُ چَئِي، مَنُ ماري گَرِ ميڻُ
ڪانڊِ وَڏوئِي ڪيڻُ، ڪِيني مَنجهان ڪِينَ ٿِئِي.

◈

نمِي گمِي نِهارِ تون، ڏَمَرَ پاسو ڏُڪُ
منجهان صَبُرَ سُکُ، جي سَنوارِئا سَمُجهِين.

◈

نمِي گمِي نِهارِ تون، ڏَمَرُ ڏولائو
تِيين ساجائو، جي اُپِيين اِنهِين پيرِ تي.

◈◈◈

# سُر مارئي

”اَلسَتُ بِرَبكُمر“ جَڏهن ڳَنِ پَيومِ
”قالُوا بَليٰ“ قَلبَ سِين تَڏهن تِتِ چَيومِ
تَهِين وير ڪَيومِ، وَچَنُ ويڙِهچَنِ سِين.

◈

تَڪا ”ڪُن فَيَڪُونُ“ هُئي، تَڪو لِڳَ لَحَمُ
بَنيو هو نہ بُتَ ۾ اُڃان ڪو آدَمُ
مون مارُوءَ سِين ساڄاءِ، سائي آهي سومَرا.

◈

اُتان اونِي آئِيو، خَبَرَ اِيءَ ڳري
وِسارِجِ مَ وَرَ ڪي، پَٽُجُ مُنڌ مَرِي
وِيندِينءَ اُتِ وَري، ڪو ڏِينهُ آهِين ڪوٽَ ۾.

◈

سَهسين سيبا ڱَنجُري، لوئِي لِيڙ ٽِيامِ
اباڻن جي آسَري ڱَتي ڪانهَ ڪِيامِ
جا ڍَبَ ڍَڪييامِ، تِنه جو پَروَرَ پَڻُ رَهائِيين.

◈

هِڪُ سِري هِڪُ ساهُ، ٻِئو ناه جو ٻِئي ڏِيان
ڄاڻي هڪ اللهَ، سو تان ڪِيتَ خريدَ ڪِئو.

◈

هنِيُون هيڪُ هُئومِ، جو مون ڏنو پِرينءَ کي
ٻئو تان ڪونهَ ڪِئومِ، جو آءٌ آڇيان عام کي.

◈

سُونهَ وِجايَمِ سُومَرا، ميرو مُنهُ ٿِيومِ
وَڃڻُ تِتِ پِئومِ، جِتِ هَلڻُ ناهِ حُسنَ ري.

◈

سُونهَ وِجايَمِ سُومَرا، ڪوجهو ٿِئُمِ ڪَمالُ
جان ڪِيئن وَطَنَ ڏي، هِهَڙو وَني حالُ
ي مون ڏِين جمالُ، تہ پَسان مُنهُ پَهُنوارَ جو.

◈

سُونهَ وِجايَمِ سُومرا، وَطَنَ وِجان ڪِيئن
حُسنَ ڏاران هِيئَن، پَسان ڪِيئَن پُهنوارَ کي

◈

مُنهُ منهنجو سُومَرا، مَرُ ميرُوئي هوءِ
ڏُوتوءِ ڏِٺُونرارَنِ ۾، متان مارُو ڇوءِ
ڱِنهِي وِجان لوءِ، لارُون جي لُٽِڱن جيون.

◈

سيل پيچڻ جي سومرا، مَٺ مَ اَچِج مُورِ
گهٽين تورِين ڏينهڙين وِيندِيَسِ هُتَ حُضورِ
مَچُڻُ تِي مَلورُ، گَنڍُ متاهون نه گٽان!

◈

جِهَڙِي آيَسِ جِيئَن، تِهَڙِي وِجان ٿَنِ ڏي
لالائِيءَ جا لَطِيفُ چَئي، ڪَرِ مُندَنِ اُنا مِينهن
مارِيءَ لَڳُمِ ميهَٽو، سَڀَ جِماندَرَ سِيئن
تِيَسِ ڪاٽياري ڪانڌَ جي، هِتي اچي هِيئن
ڪَنڌَ گٽنديَسِ ڪِيئن، مَنَهن مارُوئڙَنِ جي.

◈

سَگرَ سيئي ڏِينهَ، جي مون گهارِيا بَندَ ۾
وَسايَمِ وَڏَ ڦڙا مٿي ماڙيءَ مِينهَ
واجهاڻيس وِصالَ کي، تِيَسِ ٿوانِي تِينهَ
نِيرُ منهنجي نِيهَ، اُجاري اَڃو ڪيو.

اللهَ! اِيئَن مَ هوءِ، جِئَن آن مَران بندَ ۾
جيڙو جَنجيرَنِ ۾ راتو ڏِينهان روءِ
پهرِينِ وجان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄَنمِ ڏِينهڙا.

واجهائي وَطَنَ کي آءٌ جي هِتِ مُياسِ
گورَ منهنجي سُومَرا کِج پَهنوارَنِ پاسِ
ساري ڏين سرتيون منجهان وَلِين واسِ
مُيائِي جِياسِ، جي وڃي مڙهُ مَليرَ ڏي.

واجهائي وَطنَ کي ساري ساهَ ڏيان
هِي ۽ سِرُ ساڻيهہَ سامُهون منهنجو نجُ مِيان
مُقاميائِي مارُوئِين وچي ٿِرَ ٿِيان
مُيائِي جِيان، جي وَچي مَرَهُ مَليرَ ڏي

◈

هٿين هَٿَ- ڳَڙولَ، هِنيَڙي پِيئَمِ هُنَ جا
سانگِي سارِيَمِ سومَرا، جي ڏاڻِي پاسي ڏولَ
باباڻَن سِين بولَ، ڪِئمِ نہ ڪوٽ وِهَڻَ جا.

◈

ڪانڌُ نہ ڪَنديَسِ ڪو ٻِئو، ڳَٽيروئي خُوبُ
ميروئِي مَحبوبُ، اَسان مارو مَچئو.

◈

سَنِهينءَ سُئِيءَ سِبِيو، مون مارُوءَ سِين ساهُ
وينِي سارِيان سُومَرا، گولاڙا ۽ گاهُ
هِنيُون منهنجو هُتِ ٿِئو، هِتِ مِنِي ۽ ماهُ
پَکَنِ مَنجهہِ پَساهُ، قَالِبو آهي ڪوٽ ۾.

◈

ڄڻ ڳنڍيون منجھ ڳنڍيرَ، تَئَن مون مَن مارُوئڙَنِ ڄيون
پيهيون لَسَ لَطِيفُ چَئي، هِنيَڙي مَنجھ هميرَ
وَڃِي منجھ مَليرَ، سَڀِ ڇوڙيندِيَس سُومَرا!

◈

تورا مَنجهِ ٿَرَنِ، مون سين مارُوءَ جي ڪِئا
عُمرَ اُنِ ڳُڻَنِ، آءٌ ڪِئَن لوئِي لاهِيان.

◈

تورا نہ تورا، مون سين مارُوءَ جي ڪِئا
ٻَلائيءَ پيرا، ڳِٽي ڳِٽيان ڪيتَرا.

◈

پاڇاهِي نہ پاڙِيان، سَرتيون سُئيءَ ساڻُ
ڍَڪي اُگهاڙَنِ کي، ڪِينَ ڍَڪيائين پاڻُ
ٻِيهَرَ ڄاپِي ڄاڻُ، اِبرَ جي اوصافَ کي.

◈

سونَ بَرابَرِ سَڳِڙا، لُونءَ بَرابَرِ لَڪَ
رُپو ڄِنهِ رَدِ ڪِئو، ڪوڙِ تِهين کي ڪَکَ
مون مارُوءَ جو مَکُ، تيلُ نہ لايان ٿُنهِنجو.

◈

مون مارُوءَ سِين لَڏِيون، لوئِيءَ ۾ لائُون
سونِ بَرابَرِ سَڳِڙا، مونکي پانهُن پَڏائُون
عُمَرَ ڪِيئَن آئُون، پَٽُ پَرهيان سومَرا!

◈

مَ ڪِين رُوءُ، مَ رَڙو ڪِين، مَ ڪِين ڳرِ دانهُون
سُتي لوڪ لَطِيفُ چَئِي، پِيَئِي گُڻُ پانهُون
لَڏِيَئِي جِتي لائُون، سو ماڳُ پَسَندِينءَ مارُوئِي.

◈

سُٽِي ساٽِيهَ ڳالَهڙِي، لَهي وِئا لُوهَ
اَندرَ جا اَندوهَ، لٿا ڏُکَ سُکَ ٿِئا.

◈

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتِ ۾، هِنئَڙي نِتِ هُرَنِ
"لَيسَ ڪَمِثلِهِ شَيءٌ"، پَسَڻُ اِيءُ پِرِيَنِ
پَڪا پَهُنوارَنَ، نيئي اَڏيا نانهِ ۾.

◈

چُرَنِ چُٽِڪَنِ چِتَ ۾، هُرَنِ مَنجهِه هِنيان
ڪَڏُ بَنديائِي بَندَ مان، موڪلَ ڏي مِيانَ
وِجي ڏيهِ ڏِيان، ڪِيرُون ڳَٽيرِنِ کي.

◈

ڄِها ڄي ٻِها، مون مارُو مِڙيا
مون ڄيڏيون ملير ۾ ڇوڙيون موڪ ميها
منهنجي آهَ اِها، ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

◈

اِيءَ نه مارُنِ رِيتِ، جِئن سيڻ مَٽائن سونَ تي
اِڃي عُمرڪوٽ ۾، گَندِيس ڪانه ڳُريتِ
پَکن جي پريتِ، مارِيءَ سين نه مَٽيان.

◈

’زُمَرِ زُخرُف‘ سومرا، ’سَبح‘ منهنجا سيڻ
وَرُ ڏُٺ ڏاڏاٽي ڏيهِ جو، ڪُوءِ تُنهنجا ڪيڻ
وَرُ ويڙِيچاڻا ويڻَ، ڪُوءِ سونُ تُنهنجو سومَرا.

◈

’فاتِحه‘ ’بقر‘ سومرا، جَڙِيائون سِين جانِ
اَپَرَ ’آلِ عِمرانِ‘ سِين قربُ تِئو ڪيڻانِ
هُوءِ جي سُخَنَ سَندانِ، سي ئِي ويٺِي سارِيان.

◈

سِڪو سِپُن ڪان، سرتِيون ريتِ سِڪَڻَ جي
مَنگن جَرُ مَٽان، اوري ڪَنِ نه آسَرو.

◈◈◈

# سر سهڻي

ساهَڙُ مون جِئن سَرتُيون! جي ڏسو سَيئي
تہ سُمهو ڪِين سُڪِ ٿِي، وَرَ پاسو ڏيئي
مُونهان اَڳيئِي، گِهڙو سَيَ گهَڙا گڻِي.

◈

جيڪين ڏنو مان، سو جي ڏنو جيڏيين
گهَرَ وَرَنِ ئِي سان، هوندَ گهَٽَنِ گهوري ڇڏئا.

◈

ڪَنڌِيءَ اُپيون ڪيتَريون 'ساهَڙُ' 'ساهَڙُ' ڪَنِ
ڪَنِي سانگو ساهَ جو، ڪي گهورِيَس ڪِئو گهِڙَنِ
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.

◈

پَرِينءَ پَرَ پِرِيتَ مان ٿو ساهَڙُ سَڌَ ڪَري
جي نہ گهِڙان موٽِي وڃان، تان ڪا ساهَ سَري
مَرُ جان پَٽِ پَري، گهِڙان گهورِئو جندَڙو.

◈

گهڙي گهڙو هٿِ ڪري، ٻوڙيائِين ٻانهُون
ويچاريءَ وڏيون ڪَيُون، وِچ دَرياه دانهُون:
”موتِ مُحبَ پاهُون، ٽَاڪُنِ ٽَڪِي آهِيَان“.

◈

گهِڙِي گهڙو هٿ ڪَري ”اَلاهي توهارَ“!
چُوڙا ٻِيڙا چِڪَ ۾، لُڙَ ۾ لُڙهيَسِ وارَ
جَنگهَ جَرُڪي واتِ ۾، سِسِي ڪي سينسارَ
لَڪين چُهنِيَس لوهَڙِيون، ٽيليُون ٽَرنيُون ڏارَ
مِڙئا مَڇَ هَزارَ، ياڱا ٽيندِي سونهَٽِي!

◈

ساهَڙَ ڏارَان سُنهَٽِي، نِسوري ناپاڪَ
نَجَاسَتَ نانِه ڪَري اُني جِي اوطاقَ
هُوءِ جي ڪِيرَ پِياڪَ، پاسي تَنِي پاڪُ ٿِيي.

◈

گهڙو ٻيگو تہ گهورِئو مَرُ ڇورُ ٽيي ڇوڙو
”طالِبُ المَوليٰ مُذڪَرُ“، اِيءُ ٻُڌنديَن ٻوڙو
ڪوڙهيو ڏَمُ ڪُوڙو، مون مِيهارُ ئي مَنَ ۾.

◈

گهَڙو ٻيگو تان گهورِئو، آسَرَ ۾ لاهيج
”لاتَقنطُوا مِن رَحمَۃ اللہ“، تُرهي اِنَ تَريج
حَبِيبَاڻي هيج، پَسين مُنهُ ميهارَ جو.

◈

گهَڙو ٻيگو، مُنڌ مُئِي، وِئا وَسيلا
سارَ ڇڏيائين سيرَ ۾، هَئي رَهيا حيلا
سُنهِڻيءَ جا سِيلا، وَحدتَ سڀ وِڃائيا.

◈

گهَڙو ٻيگو، مونڌَ مُئي، وسيلا وِئا
تهان پوءِ سُئا، سُنهِڻِيءَ سَڏَ ميهارَ جا.

◈

پاڻَ ۾ ڪَڇُ پاڻَ سِين، وَسيلا وِسارِ
لُڙُ لنگهائي سُنهِڻي پرتِ وِجهنديئِي پارِ
سي تُرتُ لنگهنديون تارِ، اُڪَندَ آگہ جَن سين.

◈

پاڻُ مَ گَڏِجُ پاڻَ سين، وَسِيلا وِچا،
عِشقُ ساڻُ اَناءِ، پيرُ پِريان جي پارَ ڏي.

◈

پاڻُ مَ گَڏِجُ پاڻَ سِين، رِءُ وَسِيلي وَڃُ
پيلو پيري پَجُ، اُڳَندَ گَڻُ عَمِيقُ ڏي.

◈

پُڇَنِ جي ميهارَ کي، پُڇي سي ميهارُ
"فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ"، اِيءُ پروڙج پارُ
ٿُرهو ٿِني بارُ، عِشقُ جَنِي کي آکِرو.

◈

ڪَرڳَل ڪُوچَ ڪُنَ گهڻا، جِتِ ڏَڙڪو منجهِ درياهَ
اچئو اُتاهين گهِڙي، سانگو ڪري نہ ساهَ
ساهَڙَ جِيءَ صَلاحَ، بارِ لنگهيائين ٻاجهَ سِين.

◈

دَهشتَ دَمُ دَرياهُ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جا ڪَڙَڪا
سَهي ڪِينَ سَمُوندر جا مانڊِي دِلِ ڏَڙَڪا
ساهَڙَ! سُڻِجو ڪا، فَريادِي فقيرَ جي.

◈

ڏهشت ڏمُ ڏرياهَ ۾، جتِ ٽڪيون ٽوارُون
مُنهنجيون ماڻ ميهارَ کي، پُهچن پُڪارُون
لهرُ ساهڙَ سَنيارُون، تہ لهرين لوڏي نہ مران

◈

جِتان وَهي تِتان واٽ، ڪُوڙيُون پُڇن گهِرا
جَن کي سِڪَ ساهڙَ جي سي گهيڙ نہ پُڇن گهاٽ
جَنِي عِشقَ اُساٽ، سي واهڙُ پائِين وِڳڙي.

◈

ساري سِڪُ سَبَقُ، شَريعَتَ سَندو سُنهَڻي
طَريقتان تِڪو وَهي، حَقِيقَتَ جو حَقَ
مَعَرفَتَ مَرَڪُ، اَصُلِ عاشِقَن جو.

◈

چڙَنِ چورِي آهيَان، سُک تي سُمهان ڪيئَن
سارِيان ساهڙَ جامَ کي ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهَن
ميهارَ مَرَڻَ سِيئَن، نِيرُ پاتَمِ نِيهَ جو.

◈

ڳرڪن خوش ڪِيَاس، مَحبتي ميهارَ جي
پَسَڻَ ڪارڻِ پِرينءَ جي، آڏي اُٿيِيَاس
سُتي جاڳاياس، سانيرَ سُپيرين جي

◈

ڪامان، پَچان، پَچَرَان، لُچان ۽ لوچان
تَنَ ۾ تونسَ پِريان جِي، پِيَان نہ ڍَرَاپَان
سَمندُر مُنهِ ڪَرِيان، توءِ سُرڪِيائِي نہ ٿِيي.

◈

پُڇِي پاڙي وارِيُون، ڪوهُ ڪَرِيندو دَمُ
ڪارِي راتِ ڪُنَنِ ۾ ڪاٽِيارِنِ جو ڪَمُ
هِيءُ هَنڌو ۽ ڇَمُ، گهورِئو مُحِبَ ميهارَ تان.

◈

مُنهُ اڪيُون ميهارَ ڏي جَنِ رکيون جوڙي
ڏاران سَنڌَر سَيد چَئي، تارِ تَرَن توڙي
تِنِي ڪي بوڙي، سائرُ سَگهي ڪِينَ ڪِين.

◈

جا هُنَ اَندر جِيءَ، ساهُنَ ٻَڌي ساهَ کي
سا هُنَ ڇُڙي نہ ساهَ جي، سا هُنَ ساهُنَ رءِ
ساهُنَ ميڙ سَمِيعَ، تہ سا هُنَ ڇُڙي ساهَ جِي.

◈

ڪَنڌِيءَ جهَلِئو ڪانهَ، عاشقُ اُيو آهُون ڪَري
تو ڪِئن ٻوڙي سُنهَڻِي، ٻيلِي مُنهِنجي ٻانهَ
دَرياهَ توتي دانهَ، ڏِيندُسِ ڏِينهَ قِيامَ جي.

◈

"اَلستُ" اَرواحَن کي جَڏِهن چَيائين
هو مَنَ ڳَاڙهو ميهَارَ ڏي سُنهَڻِيءَ سَدائِين
جيڪِين آيُسِ اوڏاهِين، سو پاري مُنڌ پاتارَ ۾.

◈

سُپيريان جي تُرَهي، ٻُڏي هَٿ مَ لاءِ
سُيان تان چُنداءِ، اسان تو اُڪارِئو.

◈

ميهارُ مَلاحَنِ کي آيو آڇي اڄ
آنَ پڻ وِڃهان هَٿڙا، آئين پُنَ وڄهو رَڄ
سَندِيءَ کُنَ ڪُڙڇَ، مانَ هُونِ سَلامَتَ سُپرِين!

◈

سَانيَارَان سَڏُ ڪِئو، آيا چُونُمِ آءُ
هِڪُ تِڪوئِي تارِ وَهي، ٻئو لُڙُ لهرُيون ۽ واءُ
سائِي جَنِ اَللهُ، ٻُجهان سي نہ ٻُڏنڊِيُون.

◈

هارِي رَکِجُ حَقُ، سانيَارَان ساهَڙُ جو
خوابَ خِيالَ ۽ خَطَرا، تَني ڏيجُ تَرَڪُ
ڪَرِيين غَيرُ غَرَقُ، تہ مُشَاهِدو ماڻِيين.

◈

ٻُڏندي ٻُوڙَنِ کي، ڪي هاتِڪَ هَٿَ وِجهَنِ
پَسو لَڄَ لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪُڳَنِ
جيڪي ڪَنڌِيءَ ڪَنِ، نا تہ ساٿُنِ وَجَنِ سِيرَ ۾.

◈

ڪاري راتِ، ڪَڇو ڪَهڙو، نہ مون اڏي اڳ
ساهڙ سُڄُ سَڌَ، آءٌ تو آهر ٿارَ ٿران

◈

جَرِ ٿَرِ تِکَ ٿوارَ، وَڻِ وائِي هيڪڙي
سَيِيئي شَيءَ ٿئا، سُورِيءَ سَزاوارَ
هَمَہَ مَنصُورَ هَزارَ، ڪهڙا چاڙِهئو چاڙهئين.

◈

نہ ڪَانِيءَ نہ ڪانہَ، نڪو ڏوہُ قَلَمَ جو
انگَ اُتي ئِي لکئو، جت ٻئي جِي رَسي نہ ٻانہَ
ڪَنہِ ڪي ڏِيانَ ڏانہَ، جئن قَضا قلم وَهَائيو.

◈

سِکَ تُنهنجي سُپرِينَ، جيئن ٿَران ٿئن تارِ
تُونهين رَهِين روحَ ۾، تُونهين انگڻان بارِ
پِرين تُنهنجي پارِ، واجهائيندي وَرہَ ٿئا.

◈

سڪَ سڪَنديَن لاءِ، وِڇوڙِئا ميڙ پرين
ايڏي سَگهه سَچا ڏِني توهين کي جُڳاءِ
تَنُ جَنِي جو طالِبُو، مِهَرَ ٿِني کي پاءِ
ميڙائي جو ماءُ، ڪانگُ لَونڌو ڳَڏهين.

◈

ڏِني ٿَٽَرَم ڏِينهَ، ڪُهُ جاڻان کِهڙا پرين
نيڻَ يَرجِي نِيهَ، پلٽِئا پاريُون نہ ڪَري.

◈

ڏِني ڏينهَ تِئام، ڪُهُ جاڻان کِهڙا پِرِين
سَهِسين سِجَنَ اَلَهِي واجهائندي وِئام
تَنِ رِءَ سالَ پِئام، جَنِ رِءَ ساعَتَ نہ سَهَان.

◈

لِهريين لَکَ لِبَاسَ، پاڻِيءَ پَسَڻُ هيڪَڙو
اُونهي هِنَ عَميقَ جِي واري چِڏِ وِمَاسَ
جت ناهِ نِهايَتَ نِيهَ جي اُت ڪوءِ پنهنجي خاصَ
تَرَڻَ جي تلاس، لاهِ تہ لالَڻَ لَڳِ تِيين.

◈

سَهَسِين سَائرَ ٻوڙيون، مُنڌ ٻوڙيو مهراڻ
وَهِ وِڄايو ٻاڻ، هٿين ڳنڍ ڳهڻ سين

◈

جي تو بيتَ ڀانئيا، سي آيتون آهين
نِئو مَنُ لائِينِ، پِريان سندي پارَ ڏي

◈◈◈

# سُر سارنگ

مِينهان ۽ نِيهان، ٻَئِي اَگرِ هيڪڙي
جي وَسَڻَ جا ويس ڪَري تہ ڳَگر ڳَنِ ڪيهان
بادَلُ تِي بِيهان، جي آگمُ اَچَڻَ جا ڪَري.

◈

مُحب منهنجا سُپِرين آٽيئِي اَللهُ
توکي سارِئو ساهہُ، اُڪَندِئو آهُون ڪَري.

◈

آگمَ ڪئو اَچَنِ، سَجَڻَ سانوَڻَ مِينه جئن
پاسي ٿَنِ وَسنِ، جي سڀ ڄَماندَرَ سِڪِئا.

◈

ڪَڪَرَ مَنجھہِ ڪِپارَ، جُھڙو نيڻن نُون نہ لھي
جھَڙا منھنجا سُپرين، تِھڙا ميگھہ مَلارَ
گَڻُ اکيون ڪِلُ يارَ، وَڃِن سُور سَندا ڪَئو.

◈

وَسڻُ اگڙينِ ڪان جي تون سِکيين مينھ
نہ ھُوندَ راتو ڏِينھَ، بَسِ بُونديئون نہ ڪَرين.

◈

ڪَڪَرَ ھُونِ نہ ھُون، مَينھُ مَنجھائِين نِڪَري
ساريو سُپيرينِ کي لُڙڪَ لَڙيو پُونِ
سي مَرُ رويو رُونِ، جَنِ مُسافِرَ سُپرين.

◈

اَڄُ پڻ اُترَ پارَ ڏي ڪارا ڪَڪَر ڪيسَ
وِڄُون وَسَڻَ آئِيُون ڪَري لالَ لَبِيسَ
پِرِين جي پَرديسَ، سي مونکي مِينھَن ميڙِيا.

◈

اڄُ پُڻ اُترَ پارِ ڏي ڪَڪرَ ڪِي چوٽي
مُنداٽِي مِينهَن جي ڪِنوڻِ نہ ڪوٽِي
آءُ لالَڻَ موٽِي، گهورِئا رُسڻَ ڏِينهڙا.

اڄُ پُڻ اُترَ پارَ ڏِي ڳَڪَر ڳِيائِين
روضو پاڪَ رَسولَ جو ريجهي رَيائِين
آٽي ڏِنائِين، عالَمِ آبُ اڳُوندَرو.

روضي تان رَسُول جي وڄُڙين ڪِئو وارو
پَرِياڻون پيرَ پَئي نَظَرَ سِين نارو
هادِي يَرِ حُڪُمَ سِين هر تَڙُ تاسِيارو
نِرمل نِظارو، پِيَہ پَسايو پانهِنجو.

ڏَتِ ڏُري پَٽ پيئيُون، ٿئا وَلهارِين وِيءَ
شمسُ قَمَرُ نہ پاڙِيان سيٽَنِ جيءَ شَبيہَ
جي جانِي اَندرِ جِيءَ، سي پِرِين پيهِي گهَرِ آئِيا.

موٽي ماندائُن جي واري ڪِٿائين وارَ
وِڄُون وَسَڻَ آئِيون چوڏسيين چوڏارَ
ڪي اُنيون استنبول تي، ڪَن مَٽِئو مَغرِبَ پارَ
ڪي چَمَڪن چينَ تي، ڪي لَهَن سَمَرقند سارَ
ڪي رَمِي وييُون رُومَ تي، ڪي ڪابُلِ، ڪي قندارَ
ڪي دِلِي، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ
ڪي جُنبيُون جيَسرَ ميرَ ڏي، ڪي بيڪانيرِ بَڪارَ
ڪي پُريون پنجاب ڏي، ڪي هَلَنِ مَٿي هالارَ
ڪَنِي بُجُ بجائيو، ڪَنِي ڍَٽَ تي ڍارَ
ڪَنِ اَچِي عُمَرڪوٽ تان وَسَايا وَلهارَ
سائِين سَدائين ڪَرين مٿي سنڌُ سُڪارَ
دوستَ مِنَا دِلدارَ، عالَمُ سَڀُ آبادُ ڪَرِين

# سر ڪيڏارو

سَختِي شَهَادَتَ جِي نِسورويِءِ ناڙ
کي رِندَ پَروڙِنِ راڙُ، قَضِيي ڪَربلاءَ جو.

◈

جَنِي جهيڙيو اڄ، عَلِيءَ جي اولادَ سين
يَئِي ٿَنِي جي يَڄُ، جي جَماعَتِي يَزيدَ جا.

◈

حسنَ مِيرَ حُسينَ جِي سُئِي جَنگَ جهَانَ
اُڏاٽا اُورِ ڪَري ڪارين پَکِين ڪانَ
پِيءُ ڏاڏاٽا پاڻَ، سَيِدُ سَبَ مَلهائِيا.

◈

حَسَنُ مِيرُ حُسينُ کي رُنو ڙِن ٽولن
گهَرِ ماتُهنِ جهنگ مِرُن اَيِنِ ۾ ملڪن
پَکِينِ پاڻُ پَچاڙِئو تہ لڏيو هوٽ وَڃن
الله شهَزادَنِ، سويون ڏِيين سَچا ڏُئِي.

◈

ڪامِلَ ڪَرَبَلا ۾ آيا جُنگَ جُوَانَ
ڏَرِتي ڏُبِي لَرزي ٿَرٿَلِئا آسمانَ
ڪَرَهِ هُئِي ڪائہ، هو نِظارو نِيهَ جو.

◈

دوستَ کُهائي دادَلا مُحِبَ مارائي
خاصَ خَلِيلَنِ کي سَختيون سَهائي
اَللهُ الصَمَدُ بي نِيازُ سا ڪَري جا چاهي
اِنهِين ۾ آهي، ڪا اُنهِين ڳالِهہ اِسرارَ جي.

◈

يَڳو آن نہ چوان، جي ماريون تان وِسَهان
ڪانڌَ مُنهَ ۾ ڏَڪَڙا سيڪيندي سُنهان
تَپُڻُ لَڄَ مَران، جي هُونِسِ پُٽِ ۾

◈

مَرُ مَرِين، آلا روئِين، موٽي ڪانءُ م آلا
مِٺڻ تو پُٺاءِ، ڪچو ڪنم جيڏيون

◈

مَرُ مَرِين، آءٌ روئين، موٽي آءٌ م ڪانءُ
ڪچن وَڏاءِ پاند، جِيَنُ تورا ڏِينهڙا

◈

گهوڙن ۽ گهوٽن، جِيَنُ تورا ڏِينهڙا
ڪَڏِهن مَنجهِ ڪوٽن، ڪَڏِهن راهِي رڻ جا

◈

ڏاڙهِي رَتَ رَتياس، ڏَندَ تہ ڏاڙُهونءَ گُلَ جِئَن
چوڏِهينءَ ماهَ چَندر جِئن پِڙَ ۾ پاڳَڙياس
ميڙي ۾ مُحمدَ جي مَرُ مَرَڪي ماس
تِنهِ سُورِهَ ڪي شاباسِ، جو مَتي پِڙَ پُرزا ٿيو.

◈

ڪُوفِيَن ڪاغذُ لِکِئو وِجهِي وِچُ اَللهُ
اَسِين تابعُ تنهنجا، تُون اسان جو شاهُ
هيَڪَرَ هيڏي آءُ، تہ تَخت تابِيني تُنهنجي.

◈

ڪُنبِ ڪُسَنِي ڳِجھَڙِي لِڳين پوئِي واءُ
اِمِيرَنِ مَٿاءُ، جِئَن تو ڦُلين ڇانئون نہ ڪِيُون.

◈

سُورھَہ مَرِين سوبَ ڪي تہ دِل جا وَهَمَ وِسارِ
هَڻُ ڀالا، وِڙھہُ ڀاڪُرين، آڏِي ڍالَ مَ ڍار
مٿان تيغ ترارَ، مارِ تہ مَتارو ٿِيين.

◈

هَٽَڻُ هَڪَلَڻُ ٻيلِي سارَڻُ مانجھِيان ايءُ مَرَڪُ
وِجھن تان نہ فَرقُ، رُڪَ وَھندِيءَ راندِ ۾.

◈

ڀَڄِي آئين ڀَڄَڻا، لَڄائِيُئِي ٻَئِي پارَ
وينئِيُون ڪَنِ ڪُوارَ، مُنهَ مٿاهان جَن جا.

◈

ڀَڄِي آئين ڀَڄَڻا لڄائِيُئِي مون سيڻَ
وينئيون وِجھن ويڻَ، مُنهَ مَٿاهَان جَنِ جا.

◈

ڪَرَبَلا جي پِڙَ ۾ خيما ڪوڙيائون
جهيڙو يَزِيدَ سامُهون جُنبِي جوڙِائون
مُنهُ نہ موڙيائون، پسِي تاءُ تَرارَ جو.

◈

سُورِهہَ مَرِين سويَ ڪي تہ جَنگَ جامي سِين جوڙِ
وَهَمر حيلا خَطَرا منجهان مَنَ واڍوڙِ
آرَڻِ جَا عِشقَ جِي تنه ڪان مُنهُ مَ موڙِ
ناجِي نَفسُ نِهوڙِ، تہ رَازُ پَسين هِنَ رِڻَ جو.

◈

مُحَرمُ موٽِي آئيو، آيا تان نہ اميرَ
مَدِيني جا مِيرُ، ڏاتَرَ مون ڏيکارَيين.

◈

ڪَرَبَلا جو قَضِيو جَڏِهن پَوي منجهہ جِيءُ
وَسَن تا وُجُود تي سَندا سُورَنَ سِيءُ
ڏهَنَنِ ڏنا ڏُکڙا ناني ري نَبِيءَ
فَرَزندَ بِيبِي فاطِمَۃ پاڪ پيارا پِيءَ
وَالِي وارِثَ وِيءَ، رِڻَ ۾ رُڪَ رَهائيا.

◈

# سر ڌناسري

مَدِيني جا مِيرَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
عالَمَ جا اَمِيرَ، پارِ لنگهائج پهيڙا.

◈

مَدِيني جا گهوٽَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
ڪِجُ مُحَمَدَ موٽَ، عاصِي تُنهنجي آسَري.

◈

مَدِيني جا شيرَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
يَرِ مُبارَڪَ پِيرَ، عاصِي تُنهنجي آسَري.

◈

مَدِيني جا جامَ، سُڻُ مُنهِنجا سَڏڙا
آهيان تُنهنجيءَ سامَ، سِگهو رَسِجُ سُپرِين.

◈

# سُر شينهه ڪيڏارو

ڪَڻُ بورائو بازَ ڪي، ڳِجهہَ ڪي ڏي مَ ڳُلُ
هُماءَ ڏي تون هَلُ، شِقرو ساڻُ ڳڻي.

◈

ڪُتو ڪُرتي هَڏِيُون، جوان مرد جِگرُ ڪاءِ
'الدُنيا جِيفَةُ و طَلابُها ڪِلابُ'، اِي هنيين سِين لاءِ.

◈




CamScanner